

شاعري
ڏات ڏوهاري
زبيده ميتلو

2-2-2

محبوب پيارا

تنهنجي طبيعت مڪس معالجه ٿي وئي آهي. ظالم
زماني تنديون واري ننڍپڻ محبوب جي طبيعت ۾
ملاوٽ وجهي ڇڏي آهي. پر ماڻ ثابتي سان
جوان ٿي ته لڳن 40- 45 سالن ۾ وري سڳيون تنديون
واري محبوب تي آبشار وانگر وسنديون.

جيئن ته جي عورت رلهي سبندي آهي لڳي ٿي ۾ لڳو ٿو
سفر ۾ سمجهه ٿو ٿو. اسين ڪتاب تي لڳائي 11 جي
ڇاپائي ڇپائي ڇپائڻ. قمبر جي پس منظر ۾ تنهنجي وڃڻ جي
جو گيت به شامل هو. جي اهو ڪتاب وڃڻ کان پوءِ ڏنو هو
لڳي ٿي مشڪل لاءِ. سو ڪتاب نه لڳي ڪون ڇپيو
روز سوچيندو هيس ته ڪتاب خود پوسٽ ڪريان
هڪ ڏينهن آفيس گسائي حيدرآباد - پرائيويٽ پوسٽ
ويس - دل هلي 500 روپين ماڻ به هٿ ڪنيم
هتي پڙايو ته، اڏڪلو ٽڪيٽ 1500 يا 1800 روپيا لڳندا
ان وقت مسنجهيا دل ۾ ڪتاب جو ملهه ڏهو به محسوس
نه ٿيو - ڪتاب ته disown ڪرڻ تي دل جهو ۾
خيال آيو ته مسنجهي ڪتاب ۾ آهن ڇا آهي. اهڙي
ڪتاب ڇاڻ ڪوڻي ... 1500 وڌيڪ ودا ٽڪام ۾ منفعت
لڳرڪائي موٽي آيس. بوءِ ڪتاب جو وزن ڇا ڪٿي به نه هو!
سنڌ ۾ اديبن، آرٽسٽن ۽ ڳائڻن جي آهن خراب
هوندي آهي، جو حيدرآبادي مري ويندا آهن.

ٿورو ڪيو ۽ اهڙو موت قبول آهي. جي مان واقعي
۽ ڪلا جي جهان ۾ مري ويم ڊيان..
هيءُ ڪتاب لکان ٿي، جنهن ۾ محبوب محبوبه
جي روپ ۾ مونجهي تجسس جا آبشار پيا ٿي،
ڪتاب ۾ شان رحمت بخشي جو ڪڪر بخشي پيو ٿيندڙ
محسوس ٿيندو..
جڏهن لوڪ قصر گهمندڙ، ها ڏينهن پا
ڪي 8 ڏينهن، مان نقسان ڳڻ هيج گهرجان
اسان مونجهي جاسوس پاسيل آهي. نقسان ڳڻ
ڪنهن ها ڪرڙي هوٽل تي چانهه پيئان... ۽
اُتي هلان پيتي مونجها تڏهن پيو سڃاڻ هوندا هيا ۽
هلڻي وڏا منظر ۽ مشاهدا ڪيا هيا. هلڻي پيرن
جي ماپ ۾ وڏي وڏي اکيون ۽ اکين جي نظر گهڻي
وڌي آهي..
سونو ڪي اکيون پڙاڻي ٿي ڇڏيان. مونجهي
ڪهڻي ۾ ڪي Ignore نه ڪجان ۽
مون جن کي هيل تائين خط لکيا هئا. تن
مونجو پڙهو پوڙهو آهي. تنهن مونجهي ڪرت هو
سو مان ۽ تنهن تان ڪون مٽرسي. مان چاهيان
مونجهي نيت، پر نه اهڙي مان مونجها مطلب ڪڍي ئي
مونجهي من جي مراد پوري ڪري ڏنائي جياني
بنا.
مان هتي موجود ٿي لکندس ۽ جيو جيو مونجهو
مونجهي اندر ۾ جهيل ڪو انوکو البيلو ڪردار آ. ڦ

# ڏات ڏهاري

(شاعري)

زبيده ميتلو

انڊس پبلشرز، ڪراچي

2001

حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: ذات ڏوهاري

ليکڪ: زبيده ميتلو

ڇاپو: پهريون، 2001

ڪمپوزنگ، لي آئوٽ ۽ ڪمپيوٽر گرافڪس:

انڊس ڊزائينرز، 253، لوئر گرائونڊ،

انٽرنيشنل شاپنگ ۽ بزنس سينٽر،

عبدالله هارون روڊ

صدر، ڪراچي

ٽائيٽل تصوير: اياز عالم ابڙو

ڇپائيندڙ: انڊس پبلشرز، ڪراچي

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

قيمت: 150 روپيا

**Daat Dohari**

Edition: First 2001.

**Writer: Zubaida Metlo**

Composing, Layout & Computer Graphics:

**INDUS** Designers.

Published by: **INDUS** Publishers.

Manager: Saeeda Sahar

Saeeda@indusmagazine.com

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

تنهنجي ڏات ڏوهاري آهي
ڏات جا ڏيئا ٻاريئي پوءِ به
چوڏس انڌ انڌاري آهي

# مشتاق ميراڻيءَ جي نالي

# اعتراف

هن ڦهليل اتماس ۾
جيئن ڪيترائي ماڳ مڪان
پڄيو پُريو مڇيو، ميسارجيو ڳم ٿيو وڃن يا ڳم ڪيا ٿا وڃن
جيئن ماڻهو مريو وڃن يا مَاريا ٿا وڃن.
ائين ئي منهنجا ڪيترائي شعر ۽ سِٽون
رلي پٽڪي ڳم ٿي ويا
۽ ڪيترائي شعر مون پاڻ ساڙي رک ڪيا.
هن ڦهليل اتماس ۾
جيئن ڪيترا ماڳ مڪان
پڄڻ پرڻ ۽ ميسارجڻ کان بچيو وڃن
تيئن ڪيترا شعر ڳم ٿيڻ ۽ رکَ ٿيڻ کان بچي ويا.
جيڪي توهان لاءِ آهن.

زبيده ميتلو

# سٽاءُ


| | | | |
|---|---|---|---|
| .1 | منهنجو اندر ـ محبتي مندر | زبيده ميتلو | 1 _ 23 |
| .2 | هيرن جو ڪشڪول | امداد حسيني | 24_34 |
| .3 | ڏات جي ڏوهاري | نورالهديٰ شاهه | 35_38 |
| .4 | دعا | نثري نظم | 39 |
| .5 | اي ڌرتي ـ اي سرتي | نثري نظم | 40 |
| .6 | ڪهڙي جنسار لاءِ | نظم | 41 |
| .7 | تنهنجي تانگهه | ٽيڙو | 42 |
| .8 | وڃي ڏينهن ڀن جي | چوسٽا | 43 |
| .9 | ڪاش نه مڃان | آزاد نظم | 44 |
| .10 | ذات جو ملهه | چوسٽا | 45 |
| .11 | ڏات ئي منهنجي ذات | وائي | 46 |
| .12 | او پريتم پيارا | غزل | 47 |
| .13 | توريءِ توبن | آزاد نظم | 48 |
| .14 | توڪاڻ | آزاد نظم | 49 |
| .15 | ڇا خبر..... | چوسٽا | 50 |
| .16 | سهائيون سنڌ ۾ | نظم | 51 |
| .17 | مارئيءَ چيو | چوسٽا | 52 |
| .18 | ڏيهه اٿئي سارو | غزل | 53 |
| .19 | سندر ماٺهو | نثري نظم | 54 |
| .20 | رات جو سهارو | آزاد نظم | 55_56 |
| .21 | جيون ٻٽيو جنڊ | آزاد نظم | 57 |
| .22 | ڇيڙيان ٿو ساز | آزاد نظم | 58 |
| .23 | مهم مبهم | نثري نظم | 59 |
| .24 | چوليَن مارچ | چوسٽا | 60 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| .25 | ٻي ڏوهي ڌري | ٽيڙو | 61 |
| .26 | هيڪلائين جو ڏنڀ | نثري نظم | 62 |
| .27 | ڪمڙي پريت | نظم | 63 |
| .28 | جيوت جي جوت آهين تون | نظم | 64 |
| .29 | اهو رشتو | نثري نظم | 66_65 |
| .30 | لفظن مان..... | آزاد نظم | 67 |
| .31 | درد ڇڏي ويا | آزاد نظم | 69_68 |
| .32 | راڳي تنهنجو راڳ | ٽيڙو | 70 |
| .33 | اسان ٻار آهيون | نظم | 72_71 |
| .34 | تلاشجي | نثري نظم | 73 |
| .35 | سنڌ ٿاهيندو | آزاد نظم | 74 |
| .36 | هليو آ هيڏي | ٽيڙو | 75 |
| .37 | پاڻي پنهنجا پل | غزل | 76 |
| .38 | ٻه راهگير | آزاد نظم | 77 |
| .39 | دونهاٽيل سچ | ٽيڙو | 78 |
| .40 | ڪي سانسي | آزاد نظم | 79 |
| .41 | سورج سانجهيءَ | غزل | 80 |
| .42 | ڪريون سڀ سان پريت | ٽيڙو | 81 |
| .43 | فطرت جو قانون | نثري نظم | 82 |
| .44 | اڄائي آس | نظم | 83 |
| .45 | حسين سوچ | نظم | 84 |
| 46 | سڙان ڪئان | نظم | 85 |
| .47 | تنهنجي سندرتا | ٽيڙو | 86 |
| .48 | جيئڻ جنجال | غزل | 87 |
| .49 | سچ | نثري نظم | 88 |
| .50 | سڏو ڪاهج | نظم | 89 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| .51 | مهاڳ امهاڳ | نثري نظم | 90 |
| 52 | انڌي رات | ٽيڙو | 91 |
| .53 | دل ۾ آڳ | غزل | 92 |
| .54 | هيڪل وياڪل | وائي | 93 |
| .55 | من اندر | چوسٽا | 94 |
| .56 | غمن جهنيو پور | ٽيڙو | 95 |
| .57 | جيڪر جنگ ڪريان | غزل | 96 |
| .58 | پراڻي خواهش | نظم | 98_97 |
| .59 | مڙ نه ڪڍهن | نظم | 99 |
| .60 | مچندو مچ | نظم | 100 |
| .61 | اڃا نه مون | نظم | 101 |
| .62 | تون به هنيو وڃ | نثري نظم | 102 |
| .63 | نئين ويڙهه | آزاد نظم | 103 |
| .64 | مذاق | نثري نظم | 104 |
| .65 | ويل ويل....... | گيت | 105 |
| .66 | ڪي ماڻهو چڱا | آزاد نظم | 106 |
| .67 | هنيو وڃ | نظم | 107 |
| .68 | سوچ تري آئي | ٽيڙو | 108 |
| .69 | مُندَ نه اهائي | ٽيڙو | 109 |
| .70 | جيون آ الزام | آزاد نظم | 110 |
| .71 | تبديلي | نثري نظم | 111 |
| .72 | نگري نئين | نظم | 112 |
| .73 | نيڻ نماڻا | گيت | 114_113 |
| .74 | جيئڻ خاطر | نظم | 115 |
| .75 | مقصد | نثري نظم | 116 |
| .76 | سهڻو ديس | نظم | 117 |

| | | |
|---|---|---|
| .129 | منهنجا پيا........ | نظم | 179 |
| .130 | جاڳيو آ انسان | آزاد نظم | 180 |
| .131 | چانورا | نثري نظم | 181 |
| .132 | ڏيءِ | آزاد نظم | 182 |
| .133 | آزلي اُهاءُ | نثري نظم | 183 |
| .134 | ڪاش محبت ڏيون ها | نثري نظم | 184 |
| .135 | روح ريجهايون | نظم | 185 |
| .136 | ڪو گيت ٺئون | نظم | 186 |
| .137 | من ٿو چاهي | نظم | 187 |
| .138 | شاعر ناهيان | نظم | 188 |
| .139 | او ظالم! | نظم | 189 |
| .140 | ڏات پيٺو پاتو | ٽيڙو | 190 |
| .141 | منهنجي ووڙ | آزاد نظم | 192_191 |
| .142 | درد جا گيت | نظم | 193 |
| .143 | موت | نظم | 194 |
| .144 | ياد جا ديپ | غزل | 195 |
| .145 | پنهنجن ڪرڻ سان | غزل | 196 |
| .146 | ساز سهورا | غزل | 197 |
| .147 | چوڏسا | نظم | 198 |
| .148 | چڪيا چڙهيو سچ | غزل | 199 |
| .149 | نگري ٿئين ڪا جوڙ | نظم | 200 |
| .150 | سرجڻهار | چوسٽا | 201 |
| .151 | گهري سوچ | نظم | 202 |
| .152 | فن فهم قلم | جوڙا | 203 |
| .153 | جوڙا | جوڙا | 204 |
| .154 | پريم ڏياتيون | جوڙا | 205 |

| | | |
|---|---|---|
| .155 گيت ڳاھائين ٿ | جوڙا | 206 |
| .156 مان ۽ دڙهون | چوسٽا | 207 |
| .157 منھنجا لفظ | نظم | 208 |
| .158 اکين جا لڙڪ | نظم | 209 |
| .159 ڪجھہ شعر | — | 214_210 |
| .160 سھتا سپنا | نظم | 215 |
| .161 عڪسي پيار | نظم | 216 |
| .162 زندگيءَ جو عطيو | نظم | 217 |
| .163 پرچاءُ | نظم | 218 |
| .164 سجاوٽ | نظم | 219 |
| .165 ھيڪاريون نہ ڏيو | نظم | 220 |
| .166 سنسار | نظم | 221 |
| .167 دل جي چٺي | نظم | 222 |
| .168 ٻھار ڪٿان ايندي | نظم | 223 |
| .169 شعور | نظم | 224 |
| .170 پراتو گيت | نظم | 225 |
| .171 منھنجي مات | نظم | 226 |
| .172 خواب | نظم | 227 |
| .173 ھار | نظم | 228 |
| .174 ذھين انسان | نظم | 229 |
| .175 نند آھي موت | نظم | 230 |
| .176 اي مسيحا | نظري نظم | 232_231 |
| .177 ارپنا | آزاد نظم | 233 |

روحاني بيچيني . انفرادي آزاديءَ جي تڙپَ ۽ باطني سڪون جي تلاش ڪي ائين ٿا نيڪو ڪندا رهيا!

روز سوين ڏاڪا لهڻ ۽ وري چڙهي مٿي پهچڻ جو سلسلو ڏينهن ۾ ڏهه ڏهه ڀيرا ٿيندو هو. مان ٻار هيس. تجسس ۽ معصوميت منهنجا گُڻ ها! آزاديءَ جي گهرج منهنجي فطرت هئي!

مٿان نوشيءَ جي چوٽ تان هيٺ ڏسڻ جا تجربا ڏاڍا ليائيندڙ ۽ وڻندڙ هئا. هتي هڪ هڪ ماڻهوءَ جي زندگيءَ جي ڪهاڻي منهنجي ذهن جي پردي تي ايڪسپوز ٿيل هئي. هڪ هڪ ڪردار ڪيئن ٿو پنهنجي زندگيءَ جي اسٽيج تي هلي ۽ چلي..........!

ڪوهه جنهن مون کي منهنجي من پاتال ۾ گهرو ڏسڻ جي مشق ڪرائي- ان جي اردگرد زندگي ڏاڍي ڀرپور ۽ متحرڪ هئي. ڪوهه- گولائي ۾ هيٺ زمين تي پڪين ڳاڙهن سرن جو قطر نهيل هو.هڪ چوٿائين قطر تي خشڪي هوندي هئي. اُتي اسين ۽ ٻاڙي جون ڇوڪريون تيزيءَ يا ٽاپڙ راند ڪيڏنديون هيوسين. باقي قطر هر وقت آلو هوندو هو. اُتي چاليهه پنجاه دلا هر وقت رکيل هوندا هئا. مائي ڏني ماءُ گوپانگڻ عمر 60-65 سال ڪوهه جي ڪپ تي چڙهندي هئي ۽ تمام ڦڙتيءَ ۽ چڪ چڪان سان ٿوريءَ ويرم ۾ يڪساهي ڏهه پندرنهن دلا ڀري هيٺ لهندي هئي. مٿي ۽ چيلهه تي دلو رکي، ٻاڙي جي گهرن ۾ پهچائيندي ويندي هئي. پهرين ٽڪي ٻه دلا ڀريندي هئي. پوءِ آني تي دلا ڪيائين. هڻَ سان گڏ ستن سالن جي پوٽيڙي ٻہ گڏ هوندي هئي، جيڪا دلا ڪڻائڻ ۽ دلن کي ڍڪڻيون ڏيڻ ۾ سندس مدد ڪندي هئي. هن ڪوهه جو پاڻي قنبر شهر جي ڳچ آبادي پيئندي هئي. تن ۾ سچو شيخ محلو. بيٺل ۽ خوشحال گهر پئسا ڏئي پاڻي ڀرائيندا هئا. بالٽيءَ مان دلن ۾ پاڻي اوتڻ ۽ دلن تي ڍڪڻيون رکڻ جو آواز منهنجي من کي ڇهندو هو. تنهن کي مان محنت ۽ ٻورهئي جو ساز سمجهندي هيس.

هن ڪوهه جو پاڻي مٺو ۽ وڻندڙ هو باقي سڄي شهر جو پاڻي کارو هو! سو مائي ڏني ماءُ صبح جوپرهه ڦٽيءَ گهر گهر مان ماڪيءَ جي مڪ وانگر دلن گڏ ڪرڻ جو ٽڪڙو ٽڪڙو چڪر پورو ڪري ڪين نيرن واسطي پاڻي پهچائيندي هئي (ان پاڻيءَ سان ڪاڏو تيار ٿيندو هو ۽ عورتون وارن منجهان جيڙهه پڻ

۽ ڏڻ جو ڏٺي ٿي، مال آٿي مالڪن کي پهچائي ٿو.) هي ماڻهو ٻـ ڪمال جو ڪردار هو. ڦوهہ جوانيءَ ۾ پنهنجو ڪُڙم قبيلو ڇڏي اچي مندر جي چانئٺ تي ويٺو رهيو.... ويٺو رهيو.... نہ در کڙڪايائين نہ سٽڻ هنيائين....! جڏهن دروازي تي ڪا پهر وٺي تہ...... هن کي ويٺل ڏسي اچي ڏاڏيءَ کي ٻڌايو ويو.... ڪيس مسافر سمجهي ماني کارائي وئي. هِنَ سانجهيءَ تائين مندر جو در نہ ڇڏيو. (اسان جي گهر جو ٻاهريون دروازو ڏينهن جو ڪڏهن بہ بند نہ رهيو. هر وقت ضرورتمند ماڻهن جي اچ وڃ رهندي هئي.) هوءَ سمجهي وئي تہ هي نہ رڳو مسافر آهي پر مجبور پڻ! هِنَ جو ائين مندر تي اچي ويهڻ ڪو پس منظر رکي پيو! جيڪو تاريخي ٿو ڀانئجي. جڏهن هن مندر جو اوج هو هتي شاهہ ۽ گدا مٿو ٽيڪيندا هئا. غريب غربو، ٻچو ٻار آسيس وٺندو هو! نيٺ ڏاڏيءَ هِنَ کي اتي رهڻ ڏنو ۽ پوءِ هي فطري ڏڻ جو ڏنار قدرت جو ڪردار، هن گهر ۾ اسان وانگر ٻاسي ٿي سڄي ڄمار اسان سان گڏ رهيو.

ڪاڪو ڪمال ٻـ مائي ڏني ماءُ وانگر هڪ پورهيت انسان هو. هِنَ جو جيئڻ ۽ مرڻ، رڳو مَالَ جي سيوا ڪرڻ هو. ڪيترن گهرن کي کير ڏهي پيئاريندو هو. هِنَ کي هر گهر مان مال چارائي ۽ ڏهائي (پهرين هڪ روپيو ۽ پوءِ 5 رپيا ٿيو) ملندو هو لنين گڏ ڪر جو ڪُوڏيو هو ۽ ٻانسر وڄائڻ جي وندر ڪندو هو. هِنَ جي زندگي تمام سادي ۽ سچي هئي. هو مانيءَ سان بصر يا ڳُڙُ شونق سان کائيندو هو! جڏهن سانجهيءَ مهل گهر داخل ٿيندو هو تہ اسان سڀ ٻار هِنَ کي چنبڙي ويندا هياسين. هو اسان لاءِ ڪڏهن ريوڙيون، نقل ۽ ڪتمنا آڻيندو هو. هُنَ اسان کي ڪڏهن بہ نہ جهڙڪيو- اسان ٻولڙي وانگر هِنَ جي ڪلهن تي ائين چڙهي ويندا هياسين ڄڻ هو ڪو گهاٽي ٻڙ جو وڻ هجي ۽ هِنَ جا ڪلها وڻَ جا ڏارَ!

هو اسان کي ڏاڏيءَ جي ٻڌايل ڪهاڻين جو ڪو صوفي بزرگ لڳندو هو. هُنَ مون کي ننڍپڻ ۾ ڏاڍو ڀانيو ۽ پاليو! اڪثر ڪلهي تي کڻي شهر گهمائيندو هو! ماڻهن ليکي ڪو چور چڪار آهي. جيڪو شهرَ جا ٻارَ چوري ٿو ڪري ائين ڪيئن پيرا ثبوت طور ماڻهو ڪيس اسان تائين وٺي آيا!

هُنَ 30-35 سالن کانپوءِ مون سا سُور سليو تہ، سندس ڏهن سالن جي ڏيءُ کي پوڙهي ماڻهو سان مائٽن زوريءَ ٿي پرڻايو- جنهن تي مائٽن سان اختلاف ٿيا ۽ ڪيس ڳوٺ ڇڏي هتي اچڻو پئجي ويو!!

زندگي وهندڙ ڌارا آهي. ماکيءَ جي لار، جهڙي ڌار- ڌارَ ماکيءَ جو نـج پج. ڌار ٿٽي ته نج ته نٿو رهي!!؟ ائين به نه آهي! زندگيءَ جي سنوت هلندي هلندي جي اٿل ڪائي ته روح جا رباب چرڪيو ٻيهجيو وڃن. من جي مونجهه ۽ تَونس ۽ تنوار وڇايل ماڳ کي ڳولهڻ لڳي ٿي. زندگيءَ جو رِدم ۽ رواني من جي مونجهه ٻئي لازم ملزم ٿيو پيا ٿا هلن! زندگيءَ فطرت جي ڌور ۾ ٻڌل آهي، جا ڪنهن پينڊوليم وانگر لڏي ٿي ۽ ڪائنات جا اسرار اُکولي ٿي:

**اديون هي اسرار**
**هي جو ڪويل ڪوڪ ۾**
**آ پورو پولار**

(شيخ اياز)

مون سان به ڪجهه ائين ٿي ٿيو. ننڍپڻ ۾ ئي منهنجو رڌم ۽ رواني ڊانوان ڊول ٿي ويا!

ٿيو ائين! جو منهنجي والدين کي، اولاد کي سٺي تعليم ڏيارائڻ جو خواب ۽ خفت هو. هنن گڏجي اهيو فيصلو ڪيو ته سڀن ٻارن کي پنجين درجي تائين قنبر ۾ پڙهائبو! ان فيصلي تحت شروعات اسان وڏن ٻن ٻارن (مان ۽ منهنجي ڀيڻ حميده) کان ٿي ۽ اسان کي لاڙڪاڻي جي وڏي اسڪول ۾ داخل ڪيو ويو.

منهنجي من پرهه ڦٽيءَ جو پکيئڙن کي اُڏامندي ڏٺو هو. اهو ٻاڻ کي پکي ٿي جڻ ڪنهن بند ۾ قيد ٿي رهجي ويو. مان اهڙي ماحول ۾ هلي ويس، جتي شهر ۽ اسڪول ته تمام وڏا هئا پر گهر تمام ننڍو ڪُڏيءَ برابر....... منهنجو دم گُهٽجڻ لڳو، ماريءَ جي جار ۾ ڦٿڪڻ لڳو:

**مان؟ ڌرتي جيڏانهن**
**پکي ته اڏري ٿا وڃن**
**آءُ وڃان ڪيڏانهن**

(شيخ اياز)

ٻاراڻي عمر ٻين جي هٿ وس هوندي آهي. ٻار جي طبيعت ۾ فقيراڻي منش جا لاڙا وڏيڪ هوندا آهن. ٻار خاموش جيتامڙو هوندو آهي. لفائن کي

**منهنجا نيڻ هرڻ**
**تو پويان ڊوڙيا پرين**
**ٻيهر اُڃ مرڻ**

"شيخ اياز"

مون کي هر وقت اهيو تجريدي سوال منجهائيندو رهيو ته منهنجو پڙهڻ يا هيڏن سارن ٻارن جو پڙهڻ ڇو ۽ ڇا لاءِ؟ مون کي گهڻا ٻار ڪلاس ۾ مس فٽ لڳندا هئا.

هنَ ڪلاس ۾ اڌ کان وڌيڪ ٻار ٻهرن جا ٻهر سزا ۾ بيٺا هوندا هئا! (انين درجي ۾ طاهره بلوچ پڙهائيندي هئي. جيڪا مزاج ۾ ڪڙڪ ۽ ٻي رخي ماسترياڻي هئي. اسڪول ۾ مشهور هو ته هوءَ هوشيار استادن مان هڪ استاد پڻ آهي.) اهو منظر مون کي ڏڪائيندڙ لڳندو هو. نتيجي ۾ هنَ استاد لاءِ دل ۾ نفرت ۽ خوف جا احساس وڌي منهنجي حواسن تي شديد دٻاءُ وڌو. منهنجي ذهن تي ڪشمڪش، الجهاءُ ۽ ناپسنديدگيءَ جون ڪيفيتون يلغار ڪري منهنجي تنتي سرشتي کي جڪڙي وڌو. صبح سان ڪلاس ۾ ايندي شرط منهنجا ڪَن ٻَتجي بند ٿي ويندا هئا. مان مشڪل سان ٻڌي سمجهي سگهندي هيس. نفسياتي دٻاءَ ۽ ناپسنديدگيءَ جي شديد ڪيفيت ڪري منهنجو اهيو حال ٿيو! لاڙڪاڻي ۾ نه رهڻ جو نفسياتي اثر، هنَ ماسترياڻيءَ جي سخت ۽ غير انساني رويي جي ڪري ڪلي سامهون آيو ۽ مان ڪنن جي تڪليف جي ڪري وڌيڪ مُنجهيل موڳي ٿي رهجي ويس!

ماٺهوءَ جو من ڏاڍو سگهارو آهي. تانگهه، تنوار جو سُور اندر ۾ سانديو پيو هلندو، جو ڪنهن کي محسوس ٿيڻ به نه ڏيندو! جي تنَ کي ٿورو به کو تاءُ آيو ته ماٺهو سڄو سراپجي وڃي ٿو. هو زخم کي اڪيلي سا ڏسي سگهي سوڙهو ٿيو وڃي. مون سان به ڪجهه ائين ٿيو. جو ڪنن مان رت ۽ گند وهڻ ۽ طرح طرح جا آواز اچڻ لڳا ۽ مان وڌيڪ ڊڄي ويس. منهنجي لاءِ اهيو انتهائي غير معمولي هاڃو هو، جو مون ۾ نندپڻ کان مندر کان ڏوران ڏور آوازن ٻڌڻ جي شڪتي جهجهي هئي، ۽ هاڻي ويجها آواز ٻڌڻ ۾ به نه پئي آيا!

**پل پل پور ڏين، ڪڙا منهنجي ڪنڌ جا.**

ڪاليج ۾ شبنم موتي پهريـن ڏينهن کان منهنجي دوست ٿي. اسان جا خيالَ جذبا ۽ مشغوليون هڪُ هيون. ۽ گهر ۾ منهنجو نانو شاهنواز (منهنجي نانيءَ جا وڏا افغانستان مان لڏي شڪارپور ۾ اچي رهيا. چمڙي جو واپار هندستان ۽ انگلستان تائين ڪندا هئا- منهنجو پڙنانو قنبر ۾ لڏي اچي وينو . باغي ديري ۾ زمينون ورتائين ۽ بوٽن جا ڪارخانا هنيائين. مندر جي جڙاوت وقت هنن جو وڏو ڪنٽريبيوشن رهيو.) جنهن مون لاءِ آشرم جو ماحول مهيا ڪيو ، مون ۾ ۽ منهنجي نانيءَ ۾ اها ڳالهه ساڳي هئي تہ هُنَ جو ننڍپڻ بہ مون وانگر قنبر شهر ۾ گذريو. هو اڪثر ٻڌائيندو هو تہ وڏن ڏڻن تي مندر ۾ ڏاڍي رونق هوندي هئي. سارو ڏينهن ماڻهو تلڪ لڳايو هٿن ۾ پرساد کنيو ويندي نظر ايندا ها. شهر سڄو سازن جي رڌم تي ناچ ۽ راند ڪندو هو.

تهہ سياري جي راتين جي جڏهن چلهہ ٻرندي ٻرندي جهڪي ٿيندي هئي تہ سڀ گهر جا ڀاتي هڪ هڪ ٿي وڃي گرم سوڙين ۾ سوڙها ٿيندا ها. مان ۽ منهنجو نانو آخري دکندڙ ٽاندي جي مٿان وينا هوندا هياسين. نانو سائين ، ڪُوٽَ جي کيسي مان مگيرن (ڪاڇڻ) جو پڙُو ڪڍندو هو. مگيرن جون ڪلون ٽاندن مٿان اڇلائيندو مگيرو مون کي ڏيندو ويندو هو. ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ پل ڇُڪ ۾ پنهنجي واتَ ۾ بہ وجهندو ويندو هو. ائين ٽاندي تي آخري ڪل اڇلائي ٽاندي جي توَ کي آنگر سان ڇُهي ڏسندو هو!

نانا سائين ، دل جو شاهہ ۽ سياءَ ۾ نياز نئڙت ۽ فيض ڏيڻ ، هِنَ جو دينِ ڪامل هو . شايد تنهن ڪري سندس نالو شاهنواز هو! سياست ، شاعري ۽ تاريخ هِنَ جي پسند جا موضوع هئا! سياست جون حرفتون سمجهي معاملي جي تهہ تائين پهچڻ ۽ اڳڪٿيون ڪرڻ هن جي ذهن جي شطرنج جا اهم مهرا هئا. جوانيءَ جوسڄو عرصو هو قاضي فضل الله جو خاص صلاحڪار رهيو ۽ سندس مرڻ گهڙيءَ تائين هُن سان گڏ رهيو.

اسان ٻنهي ۾ بہ ڳالهيون ساڳيون هيون. شاعري ۽ قنبر. هِنَ پرکي ورتوهو تہ شاعري ۽ اڳاٽا ماڳ ۽ مڪان منهنجي پسند جا موضوع هِنَ. هُنَ ڪئين ۽ ڪيترا اڳاٽي دورَ ۽ ورهاڱي کان اڳ جا قصا ۽ حقيقتون مون سان ڪيون. هُنَ جو اندازِ بيان ايترو تہ سنهنجو ۽ سحرانگيز هوندو هو. جو جڻ اهو سڀو ڪجهہ اسان جي سامهون پيئي ٿيو.

جڏهن مگهين جو پڙو هوريان هوريان اچي ختم ٿيندو هو ته پوءِ آخر ۾ وڃي ڪاغذ جو ٽڪرو رهندو هو، جنهن کي ڦاڙي ٽڪر ٽڪر ڪري وجهندو ويندو هو. اٿين رات جي وچٿين پهر تائين باهڙي دکندي رهندي هئي (باهه کي ڪيئن دکائيندو رهجي. اهو فن مون پنهنجي نانا سائينءَ کان سکيو!) ۽ هن جي دل جي ديول مان شعر ڦڙڪو ڏئي ڪبوتر جي اُڏام وانگر اڏرندا هئا. هو شعر چوندي چوندي ڪشف واري ڪيفيت ۾ اچي ويندو هو. شعرن مٿان شعر، ڪيترن شاعرن جا تمثيلي شعر يڪ ساهيءَ چوندي جڏهن ڊنگ ڪندو هو، ته پوءِ تشريح ۽ باطني رازن تي هن جي روح جي رنگ جون رمزون اٿيون اُڏامنديون هيون. جيئن هر طرف پوپٽ اڏامن هن جي اظهار جو اهيو من ڇهندڙ انداز منهنجي مَن کي ايڏو ته پرتجسس ۽ معطر ڪندو هو جو منهنجي اکين مان باقي پوئين پهر جي ننڊ به هلي ويندي هئي.

فطرت مون کي اهڙي آشرم ۾ اچي ويهاريو هو جتي شاهه، سچل، سامي، خواجه فريد، فريد شڪر گنج ۽ بُلي شاهه جهڙن عميق انسانن جي ورد ۾ رات وهامي ويندي هئي.

نانا سائين! بنڌن کان اڪيلو ۽ تنها انسان هو! (هُن يتيميءَ جي زندگي گذاري جمندي ماءُ مري ويس. سال کانپوءِ پيءُ به مري ويس- ڪيس ڏاڏيءَ ۽ چاچي پاليو پنجن سالن اندر سي به خدا کي راهي ٿيا!) هو ڪنهن وچايل هنج ۽ پيار مائٽ لاءِ پيار سان پيار نه پر عشق ڪندو هو. هو مون کي چوندو هو شاعري لکبي ناهي، شاعري ڳائبي، جهونگاربي ۽ چئبي آهي. ڪيفيت ۾ ڪجهه شعر اهڙا به چئي ويندو هو جنهن ۾ درد فراق اوسيئڙي ۽ تانگهه جون دانهون ۽ آهون هونديون هيون. جڏهن ته مان چوندي هيس! نانا اهي شعر ڪنهن جا چيل هن! هن جي اکين ۾ پاڻي تري ايندو هو، ۽ پوءِ ساعت لاءِ چپ ۽ اداس ٿي ويندو هو! ۽ هلڻ ٿهلڻ لڳندو هو!. هو شعر لکڻ ڇپائڻ جي سخت خلاف هو. هڪ دفعي مون هن جا شعر لکڻ جي ڪوشش ڪئي، هُن اٿين ڪرڻ ڪونه ڏنو ۽ شعر ڦاڙي ڇڏيائين ۽ وري ڪونه ٻڌايائين! گهڻي اسرار تي چوندو هو! منهنجي مَن ۽ مقدر جا شاعر وڃا آهن. منهنجي اندر جو درد ته هنن اوريو آهي. اُن جو درمان به ته هو آهن. هو مٿا ٿورئي آهن. منهنجا وارث ۽ ولي شعر جي صورت ۾ مون ۾ موجود آهن ۽ پوءِ ڪو شعر جهونگاريندو رهندو هو!

جهري پيو اندر
ڊنيون قنبر ماڙيون
محبتي مندر

مَندر منهنجي اتساهہ ۽ اتهاس جو ذريعو بہ سالَ اڳ ماڻهن ڊاهي پٽ ڪيو. اهي ڏينهن منهنجي اندر جي اداسيءَ جا شديد ڏکيا ڏينهن هئا. اڳاتي وقت ورهاڱي کان پهرين ۽ پوءِ جا ڪيترائي فليش بئڪ مون کي ايندا رهيا! هاڻي اُتي ڪجهہ بہ ناهي! ماڻهو آهن. اُهي ناهن. زندگي آهي. رونقون ناهن. ڌرتي آهي. اڳاتيون جايون ناهن ۽ گهٽيون آهن صفائي سٿرائي ناهي. جايون گهٽَ گهيڙ ۽ گهٽيون جيڪي انساني سماج ۾ وڏي وِٿ ۽ اهميت رکن ٿيون موهن جي دڙي کان وٺي الورا ڪجورا جي قديم آثارن تائين. منهنجي جنم ڀوميءَ قنبر. مندر مڙهيون. ٽڪاڻا ۽ ڌرمشالائن جو شهر. جنهن جي چئن ئي ڏسائن ۾ ڏاڍيون سهڻيون جايون ۽ انهن جاين وچان گذرندڙ ڪشاديون هوادار گهيڙ گهٽيون پاڙا. ويڙها. ڪل خوشبون. مون جيڪي پنهنجي وشال اندر جي اٿاهہ گهرائين ۾ سانديي سموهي ڇڏيا آهن.

اڏي اڏي. اوڏ ڇڏي ويا ڏيورا.
ٽڪاڻا ۽ ٽولَ. پٽ پيا هِن تِن جا.
(شاهہ)

**زبيده ميتلو**
9 سيپٽمبر 2001
ڄامشورو _ سنڌ

"زبيده" جي شاعريءَ ۾ ڌرتي ۽ اُن جي مسڪينن. مزدورن. سانگين جو حوالو بہ بار بار اچي ٿو. ۽ هن جو سڀ ڪجهہ _ خواهشون. ارمان. سِڪ. ساهہ _ انهن لاءِ ئي آهي. هوءَ پاڻ پاري بہ ڌرتيءَ ۽ ڌرتيءَ واسين لاءِ. جوت جيارڻ ٿي گهري. دراصل اهو ئي شاعريءَ جو اعليٰ مقصد ۽ شاعر جو نصب العين پڻ آهي:

**او ڌرتي ماتا**
**وچن وٺي ڇڏ**
**جوت سان جوت**
**جاڳائيندس**
**ڪاري رات ڪٽائيندس**
**تنهنجي لئہ، تنهنجن ٻچڙن لئہ**
**پرنديس، پرنديس، پرندي رهنديس**

"زبيده" وٽ ماڻهوءَ جو مان مُٿاهون آهي:

**رسم رواج ستم**
**دين ڌرم ڇاڻان نہ مان**
**ماڻهو آهہ اُتم !**

"زبيده" جو دَور. شاعريءَ جي حوالي سان. انڪري بہ اهم آهي. جو ان دَور ۾ شاعرن فن ۽ مقصد جي سنگم جو ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي. "زبيده" ان لاءِ 'فن. فهم ۽ قلم'. جهڙا لفظ ڪتب آڻي ٿي. جن کي ئي دائميت حاصل آهي:

**انت آخر اچڻو آ ايندو جڏهن**
**فن، فهم ۽ قلم فنا نہ ٿيندو ڪڏهن**

"زبيده" وٽ غير معمولي سِٽن سرجڻ جي صلاحيت آهي:

**گيت اڌورا رهجي ويا**

هڪ رچناڪار سدائين اهڙن اڌورن گيتن کي پوري ڪرڻ لاءِ جاڳندو. جلندو رهندو آهي. ۽ اُهي گيت وري بہ اڌورا رهجي ويندا آهن. ائين هڪ تخليقڪار جي رياضت ڪڏهن بہ ختم نٿي ٿئي:

**سوچن جا سيلاب**
**جيون ۾ آيا ويا**
**ڪيئي انقلاب!**

"زبيده" زندگيءَ جي شاعر آهي: هوءَ "علم" جو "عمل" ۽ "ڏاهپ" سان ناتو جوڙي ٿي. ڇو تہ ائين ئي تبديلي آڻي سگهجي ٿي. هن ڏات _ ڏياٽين کي پاري رکيو آهي:

**جن ڏياٽين ۾**
**تو ڪڏهن تيل پاريو هو**
**سي اڄ بہ پرن ٿيون**
**پر خون سان گڏ.........!**

هوءِ پريم _ ڏياتيون ٻاري. سڄو جڳ اُجارڻ چاهي ٿي:

**پريم _ ڏياتيون ٻاريندس**
**سارو جڳُ اُجاريندس**

"زبيده" جي شاعري. شمع جيان جلندڙ ارمانن جي شاعري آهي:

**رنگ رچن هُت محفل ۾ ، هِت**
**شمع جيان ارمان جلن ٿا**

قول فعل ۾ فرق. متضاد رويا. بي حسي. ڪانئرتا. ڏاڍ ڌڪا. انسانيت جي تذليل. سٿون سرجڻ بدران سٿون سٿڻ. رسمن رواجن جا ڪوڙڪا. مڪر. دولاب. ليڪا. گهيرا. حدبنديون. موت کان بدتر زندگي. جهالتن تي فخر.....! ان اُگري صورتحال ۾. جڏهن 'اوندهه منجهه پنهنجو نسل هجي' تڏهن هڪ شاعر جو. هڪ حساس فرد جو "لات وات ڏانهن موڙ" جهڙيون اُجريون سٿون سرجڻ. فرض آهي. ائين "نئين بغاوت" جو اعلان ٿئي ٿو. سچ کي بچائڻ لاءِ نئين نگري جوڙڻ چاهي ٿي "زبيده". هوءِ نئين تبديلي آڻڻ چاهي ٿي _ ۽ ائين نئين ڪلا جو نرمان ٿئي ٿو:

**نئين ڪلا ڪا جوڙ**
**ڪانئر جو ڪنڌ موڙ**

اڏوهي ڪاڏل سماج ۾ جتي اظهار تي. ۽ خاص طور تي هڪ عورت لاءِ پابنديون هجن. اُتي جتي:

**ڪچڻ لاءِ زبان ڪانهي**
**لکڻ لاءِ هٿ ڪونهن**

پر هن وٽ ٻيو ڪجهه به ڪونهي:

**سواءِ آزاديءَ جو احساسن جي**

"ذات ڏوهاري" ۾ "زبيده" انهن ئي احساسن کي اظهاريو آهي:

**هي احساسن جو تحفو ڪنهن کي ڏيان**
**سورهين کي سرويچن کي سپوتن کي**
**جيڪي لڙڻ به ڄاڻن _ جيڪي مرڻ به ڄاڻن!**

اظهار تي جڏهن به پابنديون پيون آهن. تڏهن شاعريءَ ۾ اُن جي خلاف زبردست ردعمل به پيدا ٿيو آهي!

**ڪڙا قرب وار ڳنڍائي هليو وڃ!**
**سنگهر ظلم جا سپ چنائي هليو وڃ!**
**اُجهايل شمع کي جلائي هليو وڃ!**
**جهالت کي رڻ ۾ رلائي هليو وڃ!**

"ذات ڏوهاري" مجموعي جي شاعريءَ ۾ امن لاءِ پڪار آهي. پيار لاءِ پڪار آهي _ ۽ هر ظالم ۽ جابر لاءِ ڌڪار آهي:

مارئي
بختاور
ڀاڳهل ڀائي
ليليٰ خالد
سسئيءَ
سهڻيءَ وانگر
وقت جي هٿ جي ريک ٻڌجان
هوند ڪڏهن به نه مٽجان
هوند ڪڏهن به نه مٽجان!

۽ اهو هڪ اڻانگو سفر ئي ته آهي ان ۾ ٺَڪر سان ٺَڪر ڪاٽڻو پوندو آهي:

مري جي اڻانگو سفر ڪاٽيو ٺم
ٺڪر ڪلهه ٺڪر سان ڪاڏو اٿم!

شاعري شاعر جي من _ ساگر جي پاتال مان اپرندڙ اُها سُريلي لهر آهي. جنهن کي روڪڻ ڪنهن جي به وس ۾ ناهي_ خود شاعر جي وس ۾ به نه!

ٻيجل ڇيڙي کهڙو ڪماچ
ڏيهه ۾ ناهي راءِ ڏياچ
پٽر جهڙا سپ جا پار
اڄ جا ماڻهو آهن ٻار

انهيءَ نظم "کهڙي پريت" جي هن بند ۾ موجوده حالتن جي ڀرپور عڪاسي آهي:

دل ۾ ڳٽتي ڳل تي ڳوڙها
ساهه ڪجن ٿا سوڙها سوڙها
ٻاهه جي منهن ۾ آهي بهار

"زبيده" پاڻ چئي ٿي ته اها شاعري نه آهي. بلڪ هن جي دل جون دانهون آهن. ڪاش اهي دانهون اسين ٻڌي سگهون!

"اجائي آس" نظم جو هي بند نلها لفظ نه. پر زخمي مُرڪ آهي:

زخمي زخمي مرڪ لبن تي
اٽيا اٽيا زلف ڳلن تي
ليڙون ڪپڙا گل بدن تي

"زبيده" اُداس به ٿئي ٿي. پر مايوس ڪڏهن به نٿي ٿئي:

ڪتندا نيٺ ته پنڌ
وِڪون وجهون وڌنديون
ساٿا توڙي سَنڌ

۽ اهو پنڌ ڪنهن جي لاءِ آهي؟ ان جو ڏس "اي مسيحا" نظم جو هي آخري بند آهي:

اي مسيحا!
بي سَتي سماج جا مسيحا
توکي پسڻ کان
ابد تائين
پنڌ کندس هاڻ!

هوءَ سنڌي سماج جي ڪُڌين رسمن/خطرناڪ حالتن کان واقف آهي:

بي ڏوهي ناري
هڪڙي نجي جيل ۾
هي ٿي وئي ڪاري!

"عورت ڇا آهي" نظم ۾ هوءَ وڏي واڪ چئي ٿي:

عورت يورپ ايشيا ناهي
عورت ڪائي وٿشيا ناهي

شاعريءَ کي اسان وٽ جيترو سولو سمجهيو ويو آهي. اوتري سولي نہ آهي. بلڪ ڪڏهن نہ اُجهامندڙ اهڙو مچ آهي. جنهن ۾ ڪُڏي ڪاهي پون کان سواءِ سوڀ نٿي ماڻي سگهجي:

صبح ۽ شام
پندي پُرندي
شاعر پويان
ڏات ڏٺين پويان
سچن ماڻهن پويان
پوءِ بہ ٿيندو
سويارو سچ
مچندو مچ!

هوءَ "نئين انقلاب" ۽ "نئين تبديليءَ" لاءِ "نئين ويڙهہ" وڙهڻ ٿي گهري:

جاڳي اٿندا جڏهن
هن ڌرتيءَ جا واسِي
وڙهندا، پنهنجي حق لئہ لڙندا
پوءِ نہ رهندي
ڌرتي ڪنهن جي داسِي!

هيڙيون سٽون صرف هڪ عورت شاعر ئي تخليق ڪري سگهي ٿي:

سچ جي ڪرٽي وانگر
ڇاتيءَ مان نڪرندڙ ڪير جي لاٽ

۽ هيءَ سوچ صرف هڪ ماءُ جي ئي ٿي سگهي ٿي:

**هي جو منهنجو جهول آ**
**هيرن جو ڪشڪول آ**

۽ "زبيده" پنهنجي ڏات جو "نذرانو" پنهنجي ڌرتيءَ آڏو پيش ڪيو آهي:

**ڏاتِ جون ڏهہ ئي آڱريون**
**پڪڙي جڳ جي ساري جوت**
**اُمنگن پريا جوڙي گيت**
**ڌرتيءَ پنهنجيءَ کي ڏينديون!**

مان چوان ٿو ۽ چاهيان ٿو تہ "زبيده" پنهنجون ارڏيون ڪونئرون رچيندي رهي ۽ اسان کي ارپيندي رهي:

جي چئين تون
"ارپي ڇڏ
پنهنجو پاڻ"
تہ هوند
ارپيان آئون
مڙئي رچنائون
ار ڏيون امر
هڙئي ڪونئرون! ("ارپنا")

**امداد حسيني**
**ڄام شورو _ سنڌ**
25-8-2001

# ذات جي ڏوهاري

اڪثر سنڌي ليکڪائن جون ڪهاڻيون/شعر پڙهنديءَ مون کي شاهه سائينءَ "جي سُرمارئي" جو گمان ٿيو آهي ۽ 'الا ڏاهي مَ ٿيان. ڏاهيون ڏک ڏسن' جو فلسفو مون کي سنڌي ليکڪائن جي حوالي سان ئي سمجهه ۾ آيو آهي. سدائين. ڏاهپ پنهنجي اندر ڪنهن به فرد لاءِ ۽ خاص ڪري سنڌي سماج جي بئڪ گرائونڊ مان آيل. سوچ ۽ ساڃاهه رکندڙ سنڌي عورت/ڇوڪريءَ لاءِ ڪيڏي وڏي پيڙا آهي ۽ مارئيءَ جو ڪردار انهيءَ پيڙا جي علامت آهي.

زبيده ميتلو به ڏاهپ جي ان ساڳي پيڙا کي ڀوڳيندڙ سنڌي شاعرا آهي. سندس شاعري پڙهندي اهو احساس نه ائين وڏي وڇي ٿو. هن جي سوچ ڌرتيءَ جي پاتال مان. ڌرتيءَ جي ڏکن جي خوشبو ساڻ ڪري (۽ خاص ڪري سنڌ جي ڌرتي) منهنجي ذات تائين پهچي ٿي. جيتوڻيڪ انهيءَ نقطي تي پهچي آئون زبيده سان اختلاف به ڪريان ٿي. ڊگهي بحث دوران ڪيس چيو به اٿم ته توکي پنهنجي ذات جون پيڙائون ساڻ ڪري ڌرتيءَ جي پاتال ۾ لهڻ گهرجي. ائين جو تون ۽ ڌرتي پاڻ ۾ رل مل ٿي وڃو. نه ڪي به الڳ باب محسوس ٿيو. تڏهن به زبيده جي سچائين تي اعتبار رهي ٿو. ڪنهن به لفظ. ڪنهن به شعر تي پهچي ٽٽي نٿو. اهو اعتبار نه هن ڪنهن شاعري ڪرڻ خاطر يا شاعرا جو سرٽيفڪيٽ وصول ڪرڻ خاطر شاعري ناهي ڪئي. تڏهن به ڪيترن ئي نظمن/غزلن/وائين ۾ زبيده پاڻ نٿي پَسجي. پڙهندڙ اُن کي پائي نٿو سگهي. هوءَ پنهنجي ذات ۾ ڪيڏي گهري. ڪيڏي حساس ڏسبي آهي اُها زبيده نظم لکندي ايترو ڪٽجي ۽ الڳ ٿي بيهي رهندي آهي جو پڙهندڙ جو دماغ ته اُن جي سوچ. نظرئي ۽ ذهانت جو قائل ٿي ويندو آهي پر اُن جي دل ايتري زور سان ڌڙڪي نٿي. جيتري ڪنهن سٺي شعر تي ڌڙڪڻ گهرجي ائين ڇو! ؟ جڏهن ته دل جي ڌڙڪڻ جو احساس زبيده سان ڳالهائڻ ۽ ملڻ دوران وڌيڪ ٿئي ٿو.

هوءَ چوي ٿي ته "يونيورسٽيءَ جي اسٽوڊنٽ لائف دوران سنڌ جي اسٽوڊنٽ ليڊرن سان. ليکڪ جي نظرياتي هئڻ جي باري ۾ ايڏا ڊگها بحث ٿيا آهن. ٻين لفظن ۾ مون ان موضوع تي انهن جا ايڏا ليڪچر ٻڌا آهن جو منهنجو من اُن مان آجو ٿي نه سگهيو آهي" پر هيءَ شاعري به انهيءَ دور جي ئي آهي. هن دور ۾ جڏهن زبيده هڪ شاعرا جي حيثيت سان پنهنجي پاڻ ڏانهن موٽ ڪائي پئي تڏهن هن جي ڳالهين مان ئي اُهي خوبصورت ۽ دل جيان ڌڙڪندڙ نظم محسوس ٿين ٿا جيڪي هاڻي هوءَ لکندي. اها حقيقت سچ جيان چٽي آهي ته شاعر يا ليکڪ پنهنجيون پاڙون سياسي نظرئي ۾ نٿو ڦهلائي سگهي. اُن جو ذهن نظرين ۾ ڪومائجي نه سگهي ٿو پر اُسري نٿو سگهي. ڌرتي ۽ ڌرتيءَ جي ماڻهن سان ڪميٽيڊ هئڻ هڪ الڳ ۽ يقيناً مٿاهين سوچ آهي پر ڪنهن به هڪ نظرئي ساڻ ۽ ڪجهه نظرياتي ماڻهن سان محدود ٿي وڃڻ نه يقيناً هاڃيڪار آهي ليکڪ/شاعر لاءِ.

منهنجو مقصد زبيده کي تنقيد ڪرڻ نہ (جو تہ اجا هوءَ ڪنهن نظرئي تائين محدود نہ ٿي آهي پر نظرياتي ماڻهن ۾ اُلجهيل اٽڪيل رهجي وئي آهي) پر انهيءَ ديوار ڏانهن بہ اشارو ڪرڻ آهي جنهن کي اسان جا ڪيترا ليکڪ پار ڪري نہ سگهيا آهن ۽ ان لاءِ اُنهن کي نظرياتي ماڻهو مجبور ڪن ٿا عظمت جو گولڊ ميڊل پارائي تاڙيون وڄائي.

هڪ ٻي بہ ٽريجڊي آهي سنڌي ليکڪا سان ان جواندازو مون کي شدت سان ٿيو هو سلطانہ وقاصيءَ جي شعري مجموعي جومهاڳ لکندي. سنڌي ليکڪا ساڳي وقت سماج جي ديوار آڏو پڻ بيٺل آهي. پنهنجي ذات جو ا ظهار ڪرڻ سمي اُن آڏو رشتن ناتن جو خوف ڪنبل آڱريون ۽ گونجندڙ سوال آهن ڪجهہ سماجي روايتون ۽ اخلاقي قدر آهن. جيڪي هن کي اڌ پنڌ ۾ روڪين ٿا 'بهرحال هوءَ هڪ عورت ئي تہ آهي". ان احساس تي پهچائي سمورا در دريون بند ڪري ڇڏين ٿا. جنهن ڪان ٻاهرين هوا تہ اندر اچي ٿي ڪڏهن ڪا هڪ ڳڙکي کلڻ سان. پر اندر ايڏي اونداهي رهجي وڃي ٿي جيڪا ڪنهن پڙدي نشين جي ڪري بہ هئڻ ضروري آهي. نتيجي ۾ اندر ان منظر پسڻ جي اجازت ناهي.

ان سموري بئڪ گرائونڊ ۾ مون زبيده ميتلو جي شاعري پڙهي ۽ محسوس ڪئي آهي. اهم ڳالهہ اها آهي تہ هوءَ ڌرتيءَ سان سچي آهي. ڌرتيءَ جي ابوجهہ ماروئڙن جون پيڙائون هن کان شعر چورائين ٿيون. هن وٽ سمورا منظر ٻاهر جا آهن. وشال ۽ اننت منظر بکايل. لڱن اگهاڙن ٻارڙن جي پٿون پيرن کان وٺي. غلاميءَ جي عذاب جهڙي احساس اندر هوءَ هر شعر ۾ ان غلاميءَ جي ماريل ڌرتيءَ سان مخاطب آهي.

پر زبيده جهڙي حساس شاعرا تي ڪوبہ الزام ڌرڻ کان پهرين اهم سوال اهو بہ آهي تہ غلام ڌرتيءَ جي شاعرا. ڪنهن اهڙي قوم جي شاعرا جيڪا جڳن کان پيڙهي پئي وڃي. اهو ئي ڪجهہ سوچيندي. اُن لاءِ پنهنجي اندر جا سمورا منظر بي معنيٰ ئي بڻجي ويندا.

جيئن هوءَ صفحي 142 تي اُداس ڌرتيءَ سان مخاطب ٿئي ٿي.

**اي اُداس ڌرتي!**
**جو تنهنجا رهواسي هراس مان ڳڙکين مان روشني تکي رهيا آهن**
**جو انهن جا دماغ دٻيل ۽ زبانون ڪٽيل آهن**
**ڇا ان ڪري تہ تنهنجو قانون لانگ بوٽن جي نوڪ تي هلي ٿو.**

سو لانگ بوٽن جي هئڻ جو احساس/لانگ بوٽن هيٺان دٻيل دماغ ۽ ڪٽيل زبان جو احساس آهي. پاڻ ايڏو وڏو عذاب آهي. جيڪو ڪارڻ آهي. نہ رڳو زبيده جي شاعريءَ جو. پر سموري سنڌي ادب جي سرجڻ جو. پنهنجي قوم ۽ ڌرتيءَ جي پيڙهجڻ جو احساس زبيده کي سموري انسانذات جي ويجهو بہ آڻي ٿو.

تڏ جي ڏڪار جيان اُن لاءِ اٿو پيا جي بک بہ اوتري ئي ڏکوئيندڙ آهي (صفحو 14 تي اي اٿوپيا) زبيده پنهنجي ڌرتيءَ تي ويهي اُن جي حوالي سان آزادي. امن. سُک.

سُڪار . انسان دوستيءَ جا آفاقي خواب ڏسي ٿي ۽ اهي ئي خواب هن جي ذات کي ڏوهاري بڻائين ٿا.

صفحي 30 تي "سنڌڙي منهنجي ماءُ". پڙهندي مون سوچيو سنڌڙي ماءُ ڇاپون ٺپي اهڙيون ڇاپون آهن جڪي پنهنجا لڙڪ مٽيءَ ۾ لوئي اُن جا لڙڪ اگهن ٿيون ۽ شعر لکن ٿيون. جاني پاءُ کي ڏيڻ لاءِ هاڻي هنن وٽ روايتي سهرا ڳيچ ناهن رهيا . صفحي 19 تي

**سنڌ لاءِ مر - سنڌ لاءِ جيءُ**

**سنڌ جو آهين- سنڌ جو ٿيءُ**

**منهنجا پاءُ-جاني پاءُ.**

جهڙا بولَ پائرن کي موڙ ڪري بڻن ٿيون. زبيده غلاميءَ کان باغي ڀيڻ آهي جيڪا پاءُ جو ڪنڌ ڏئي آزادي ماڻڻ جي سگهه رکي ٿي. هوءَ پنهنجي اندر ۾ مارئيءَ جيان آهي (۽ هر سوچ ۽ ساڃاهه رکندڙ سنڌياڻي پنهنجي اندر مارئي آهي . سندس شعرن ۾ ماروئڙن سان موهه انيڪ جاين تي اظهار پائي ٿو. ماروئڙن سان موهه جي روايت جيڪا مارئيءَ کان شروع ٿئي ٿي اُها ئي سنڌي شاعرا کي مڙني پاڪستاني شاعرائن کان منفرد بڻائي ٿي.مثلاً زبيده جيان هر سنڌي شاعرا لاءِ روماني خواب ۽ عورت جي آزاديءَ جو بنيادي سوال اهم ناهي ايترو جيترو ڌرتيءَ جي آزاديءَ جو سوال ۽ منهنجي ماروئڙن جا ڏک آهن.

۽ زبيده ميتلو جيتري پنهنجي شاعريءَ ۾ سگهاري ڏسجي ٿي. جيڏي اتل ۽ اڏول محسوس ٿئي ٿي . جيتري پنهنجن لفظن ۾ loud آهي اوتري ئي شخصي طرح سان مون کي تمام حساس. وڪريل. اُداس. نازڪ پاونائن ۾ سمايل ۽ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي پاڻ کان وڃائجي ويل محسوس ٿيندي آهي. ائين محسوس ٿيندو آهي . جڻ هوءَ هجوم ۾ وڃائجي ويل ٻار هجي جيڪو.. اجا ڳالهائڻ ئي ناهي سکيو. جيڪو نه نالو ٻڌائي سگهي نه گهر جو پتو. پر جنهن جي اکين ۾ لڙل پاڻي ۽ جنهن جي چهري تي پر ڦهلائي ويٺل اُداسي اُن جي پيڙا جو پتوڏيندي هجي.

مون زبيده جي شاعري پڙهڻ کان پهرين شايد ڪيس پڙهيو آهي ان ڪري ئي مون ڪيس سندس شاعريءَ ۾ ڳولڻ جا جتن ڪيا آهن شايد.

**پر هوءَ پاڻ ڪٿي به ناهي!!**

**ڇا ڪٿي به ناهي**

**سمنڊ جي آخري لهر ڇا ڪڏهن ليپي به سگهبي آهي!؟**

**پر زبيده ڇا سمنڊ جي آخري لهر آهي؟**

شخصي طرح سان هوءَ مون کي پنهنجي شاعريءَ کان وڌيڪ موهيندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن ملندي آهي پر ملڻ کان پوءِ اُهه ڪڏهن ڪڏهن وارو عرصو تمام گهڻو سهڻو ۽ پنهنجو محسوس ٿيندو آهي. ٻنان ڪنهن سرٽيفڪيٽ ۽ سمجهوتي جي اُن سان سانتيڪي سمونڊ جهڙي دوستي رهي آهي. ڪڏهن ڪڏهن آءٌ سوچيندي آهيان تہ جيڪڏهن هوءَ جيترا شعر

لکي ٿي اوتريون ڳالهيون بہ ڪري ۽ ڪڏهن ڪڏهن آءُ سوچيندي آهيان تہ هوءَ ايترا گهڻا شعر شايد ان ڪري لکي سگهي ٿي جو ايترو گهڻ ڳالهائي ٿي!؟

**نورالهديٰ شاهہ**
**12جنوري 1988 حيدرآباد سنڌ**

زبيده منهنجي اڳيان 1988ع ۾ منهنجو لکيل مهاڳ آڻي رکيو آهي جيڪو انهيءَ مجموعي لاءِ مون کان لکرايو هيائين. جيڪو ڇپرائي تہ نہ سگهي پر ڇپرائڻ جي حسرت سميت ڪجهہ اڳتي هلي ساڙي ڇڏيائين ۽ ڪيترا ڏينهن انهيءَ خاڪ کي حسرت کان ڏسندي رهي. اڄ هيڏانهن هوڏانهن وکريل ۽ ڇپيل ڪجهہ شاعري بيهر سهيڙي اٿس تہ هي مهاڳ بہ ڪنهن وسري ويل ياد جيان ڪنهن پراڻي ڊائريءَ مان لڀي پيو آهي ۽ منهنجي آڏو اهو ڇپي آڻي رکيو اٿس تہ : "آئون 13 سالن کان پوءِ بہ پنهنجن لفظن سان متفق آهيان يا؛ نہ!!؟" مهاڳ ڏسي حيران رهجي ويس تہ "اڇا!! هي مهاڳ مون لکيو آهي!!" ياد ئي نٿو پوي. پر پڙهيو اٿم تہ ڄڻ زبيده سان منسوب اڄ جا ڪيئي ورق هڪ هڪ ڪري کُلي پيا آهن. 13 سالن کان پوءِ بہ زبيده لاءِ منهنجا اهي ئي ساڳيا لفظ آهن اهي ئي ساڳيا خيال آهن. جيتوڻيڪ آءُ بہ اها ڪانہ رهي آهيان ۽ زبيده بہ اها ڪانہ رهي. پنهنجي لاءِ هتي آءُ چپ آهيان پر زبيده!! زبيده کي آئون ڏسان پئي تہ زندگيءَ جي تجربيگاهہ ۾ هوءَ پوري سچائيءَ سان زندگيءَ کي پرکي بہ پئي ۽ انهي ۾ پنهنجي ڪردار کي محسوس بہ ڪري پئي. اظهار جي هڪڙي نئين سگهہ هِن انهن تجربن مان ماڻي ورتي آهي ۽ انهيءَ سچ کي ڪنهن خزاني جيان خرچ ڪرڻ چاهي پئي. فقيري مزاج رکندڙ اسان جي هي شاعرا حيران ۽ پريشان آهي تہ اظهار جي سَچ سان منسوب هي خزانو هوءَ ڪنهن ڪنهن تي خرچ ڪري ۽ آئون مسلسل هن کي صلاح پئي ڏيان تہ بُڪَ ڀري ڀري پاڻ تان لٽائي ۽ اهو نہ ڏس تہ ڪير ڪير ٿو انهيءَ مان جهوليون ڀري.

زبيده جوهي مجموعو پنهنجي جاءِ تي __انهيءَ مجموعي جي بهاني پنهنجي هئڻ کي محسوس ڪرڻ ۽ ڪرائڻ وارو احساس پنهنجي جاءِ تي __ پر مون کي انتظار آهي زبيده جي انهيءَ مجموعي جو جنهن جي شاعريءَ جا لفظ. سٽون ۽ خيال هينئر ان کي سنڌس دل جي رڳن ۾ اظهار پائڻ لاءِ بي چين آهن ۽ مسلسل صدائون ڏئي رهيا آهن تہ: "لِکُ. ڳالهاءِ. جيڪو ڪڏهن ڪونہ ڳالهايو اٿئي. چؤ. جيڪي ڪجهہ بہ چوڻو اٿئي __ آئون زبيده جي اندر ڪر موڙي جاڳندڙ انهيءَ "بي چيني" لاءِ دعاگو آهيان تہ هاڻي وري ڪڏهن انهيءَ کي چين نہ اچي ۽ زبيده چاهي نہ چاهي پر لکندي رهي ۽ مسلسل لکندي رهي.

**نورالهديٰ شاهہ**
**31 آگسٽ 2001**

# دعا

ڏات ـ ڏوهاري پل تہ هجان
الڪَا! اڪت تون ڏانءُ ڏجان
سچ ـ ڏن سان ڏنوان ڪجان

منهنجو ڪڙمہ ـ گلن جي ٻاري
سرت ـ ستي مون جنهن پياري
سانجهہ تنهن کي بخش اي باري

شاهہ، سچل ۽ ساميءَ واري
سنڌڙي ساري باغ بهاري
جڳ ۾ شال رهي سوڀاري

ڏات ـ ڏوهاري پل تہ هجان
الڪَا! اڪت تون ڏانءُ ڏجان
سچ ـ ڏنَ سان ڏنوان ڪجان

# اي ذرتي اي سرتي!

چو نہ آئون
تنهنجي سينڌ کي چُمان
جيڪا مون پوڄارڻ لاءِ نور ـ نئين آهي!

چو نہ آئون
تنهنجي پيشانيءَ کي چُمان،
جيڪا منهنجو مقدس درسگاهہ آهي!

چو نہ آئون
تنهنجا سُندر نيڻ چُمان،
جيڪي مون لئہ جيون جو جام آهن!

چو نہ آئون
تنهنجي چپن کي چُمان،
جيڪي منهنجن احساسن جا ترجمان آهن!

چو نہ آئون
تنهنجي ڌڙڪندڙ ڇاتيءَ کي چُمان
جنهن ۾ جاڳندڙ امنگن ڀريا پيغام آهن!

چو نہ آئون
تنهنجا نرمل پير چُمان،
جيڪي منهنجي روشن راهہ جا رهنما آهن!

# ڪڪڙي جنسار لاءِ

واريءَ ڳوهيل وارن ۾
قاتل ڪپڙن ڪارن ۾
هاءِ! برهه جي بارن ۾
ساهه ڪٽيـن تـي ڪڪـڙي سـينگار لاءِ!

ڪارين ڪارين راتين ۾
مسهارن محلاتن ۾
ويرانيءَ جي واتن ۾
گيت جهونگارين تـي، ڪڪـڙي جنسـار لاءِ!

تيز هوا طوفانن ۾
سنسارن سنسانن ۾
صحرائن ۽ ميدانن ۾
روئيـن رڙيـن تـي، ڪڪـڙي رهـوار لاءِ!

روز سڙين ٿي سورن ۾
مهر نه ٿي ڪا مُرڪن ۾
لَعل روئين ٿي لڙڪن ۾
دونهيـن دُکـائين تـي، ڪڪـڙي دلـدار لاءِ!

محبت جي مهراڻن ۾
سورج جي سرهاڻن ۾
چانديءَ سين چانڊاڻن ۾
وار وڇـائين تـي، ڪڪـڙي وينجهـار لاءِ!

**ذات ڏوهاري**

# تنهنجي تانگهہ...

تنهنجي تانگهہ ۽ تات
توبن گذري رونئدي
منهنجي هر ڪا رات
***
ڪٿندا نيٺ تہ پنڌَ
وِکون وِڇون وڌنديون.
ساٿَا توڙي سنڌَ
***
سانت سهرو ڳَيو،
تارن پيري رات آ
ڪويء من پرڀايو!
***
رسمن جو پاهڻ،
آءُ هٿائي او پرين!
آيس تو آسڻ.
***
پيڙهيل ڪاري رات
مون ڪي ڏانءُ ڏنگي پيو
تڙپي پيئي ذات
***
پيڙهيل ڪاري رات
مون ڪيءَ ڏانءُ ڏنگي پيو
تڙپي پيئي ذات

## وڻي ذهن پن جي

وِڻي ڏينهن پن جي ڪٿي ڪيئن سگهان
۽ سڪ جو سهارو سٺي ڪيئن سگهان
سدائين خوشين ۾ گذاريو آمون
جدائي جو جهوٽو جهٽي ڪيئن سگهان.

***

خوب خوش، خوشحال انڌا ڪاڻا ماڻهو
رهن منول مَن مِٺا، موتيءَ داڻا ماڻهو
انصاف انسيت، انا، انسان ويو موڪلائي
ويا سياڻا لڏي ڇڏي، ساهه سِيباڻا ماڻهو

# كاش نہ مِٿجان!

جڳن تائين
هن ڪائنات ۾
سوين جي سوني ذرڙيءَ تي
مارئي
بختاور
ٻڳهل ٻائي
ليلا خالد
سسئيءَ
سهڻيءَ وانگر
وقت جي هٿ ـ ريک بڻجي وڃان!
هوند ڪڏهن به نہ مِٽجان
هوند ڪڏهن به نہ مِٽجان!

# ذات جو مُلهه

ذات جو ڪو ملهه نه آهي.
ذات وڏي شيءِ آ.
حق پنهنجي لئه سچ ٻولڻ
سا سوغات وڏي شيءِ آ.

***

سڪ سندو سڏ ٿيوم
پاتال منجهان پڙلاءُ پيوم
آهيان تو ۾ آهيان تو ۾
پاڻهو منجهارا، من ڇيوم

***

جيءُ جيءُ اچ، نچ نچ اچ
ڪڍ ڪدورت، ڪچ ٻلي!
ڇَنه چوائج سچ ٻلي،
ٻار ها ٻار مچ ٻلي!

***

رٿي ٿيڻ ريءَ رنگ نه لڳندءِ!
پڙهڻ ڪڙهڻ سان زنگ نه لهندءِ!
سور سهڻ ۽ سچ چوڻ ريءَ
انسانيت جو انگ نه لڳندءِ!

***

اکئين نير رئڻ اجايو اٿئي!
جهڃي پاڻ ڳارڻ اجايو اٿئي.
هيءَ دنيا نه دشمن آ سين جي
دل جو ٽٽڻ اجايو اٿئي.

# ذات ئي منهنجي ذات

ذات ئي منهنجي ذات،
الوميا، ذات ئي منهنجي ذات!
سوچ لوچ مان ڦٽندي آهي،
من ۾ ڪا پرڀات!
الوميان، ذات ئي منهنجي ذات!
تات پرينءَ جي ڏيندي آهي
سهڻي ڪا سوغات!
الوميان، ذات ئي منهنجي ذات!

# او پريتم پيارا

تنهنجو او پريتم پيارا!
نيڻن ۾ مان نينهن نچايان.

هت جي پُتلي ٿيل ناهين،
جو شوکين منجهه سجايان!

تنهنجو مون سان پيار ازل کان،
من پنهنجي کي ڪئن سمجهايان!

وقت لنگهي ويو، ڪينَ ورئين تون،
پڏاءِ! دل کي ڪيئن رجهايان!

تنهنجن نازن ۽ نخرن تي،
لوئي مان ڇا لاءِ لڄايان!

راتيون آهن ڪاريون ڪيڏيون
ڇو چنڊ چهرو آءُ لڪايان!

# توريءَ توبن

توکي ڏسڻ ريءَ
ڏينهن اڻپورو
توکي پسڻ ريءَ
رات انڌاري

سوچيان ٿي
نہ هوندو ڪو
ڏينهن جو روشن سج
نہ هوندو ڪو
نہ هوندو ڪو
رات کي نڪور چنڊ

توريءَ
توبن
مون جيان
رات بہ اڌوراڌ
ڏينهن بہ اڌوراڌ

توريءَ
توبن
جڳ اڻ پورو ۽ اڌ، اڌورو!

# ٿو ڪاٺ

جيون، وهندڙ
سندر جذبن جو جَرُ
ماٺمن
پڳ پڳ پٿري،
ڇڏيا پٿرَ
هيڏا سارا
گهِلي
هڪلي ڪير
حياتيءَ جو هَرُ؟

منهنجا سائين
هڪڙو هڪڙو ڪري پر
ڇڏيم هٽائي سارا
رستي تان پٿر
آءُ هليو تون،
واٽ تنهنجي صاف آ.

# چا خبر..

چا خبر گهٽا پل زندگي
ڪير ڄاڻي ڪير سمجهي
موت زندگيءَ جي
ويجهو هوندي به ڏور آ.

***

پڙهڻ پرائڻ نه ئي ڪو ڳالهائڻ آ مون سکيو
ذات ء ڏانءُ ڪي ارڏا گس لتاڙي
آيو آيو مون در پيمي آيو
جيئن ڪو بَرَ بَحرَ ء شهر ۾ ڏکيو ء بکيو

***

مَڌُ پياري هڪ ساعت لاءِ
مدهوش ڪري وئين، راحت لاءِ
مست ڪري محبوب چوين ٿو!
پيگ پيو پي ڏي الفت لاءِ.

***

جيڏو هان اُسريو
تيڏو هان، پڇريو
چوڏس هاڃا هيڏا
ڏک منجهان ڏکَ نسريو.

***

من پاتال ۾ جوالا جلي ٿي.
مان هان جڳ جڳ جي جوالا
جوالا جلندي رهندي.
جيئڻ جو ڏس، چوڏس ڏيندي رهندي.

# سُهايون سنڌ ۾

اچو اچو او ساٿيو!
ڪريون سُهايون سنڌ ۾!

ڏاڍ ڏمر ڪي ڏاريون،
ڪريون سخيون سنڌ ۾!

پيچل وانگر ڪنڌ لهء،
چنگ وڄايون سنڌ ۾!

وايون ڳايون شاهه جون،
راڳ ٻُڌايون سنڌ ۾!

جرئت واري جنگ وڙهون،
پاڻ ملهايون سنڌ ۾!

اچو اچو او ساٿيو!
ڪريون سُهايون سنڌ ۾!

# مارئيءَ چيو

جيون ٽڪري
آءُ جواري
هارڻ جيتڻ
جيون جا نہ اصول!

***

مارئيءَ چيو:
عُمر! توسان نينهن نہ ٽيندو
سنڌوءَ چيو،
ڏاريا! توسان جوڙ نہ جُڙندو

***

ساڳيو وڻ ۽ ساڳي ٽاري
ساڳي بارش ۽ بهاري
تو بن دلڙي ڳڻتين ڳاري
تو آ منڊ ملڻ جي چو وساري

***

تنهنجي نيڻن، تنهنجي نظرن
خوب نهاريو هوندو،
تنهنجي سڏڪن، تنهنجي صدائن
خوب پڪاريو هوندو.

# ڏيهه اڄ ٿي سارو

ڏيهه اڄ ٿي سارو سامهون،
پوءِ اکين تي ڪهڙي ڪٿَ.

آئون پنهنجو آهه اداس،
منهن منجهه آ ڪيڏي پٿَ

هر گهلي آ، خوشبو ڦهلي،
من کي ڪيڏي آئي سٿَ.

اوسيئڙي مروح رڙي ٿو
يادن لاتي دل تي رٿ.

پڙ ڪاڻ پريتم جي،
جهاڳيندس جهنگل بر پٿَ.

ڀڪيو مرجهايل چهرو،
ويرين کي پيا دل ۾ وٿَ.

سنڌ، سنڌين جي آهي ماءُ،
ڪيئن ڏيندو ڪو تنهن سان مٿ.

# سندر ماڻهو

ڪومل حساس
سندر ماڻهو!
ڏکن ڏاڍيا
ڏک ڏاڍيا
سهي، سهي
موٽ ملوڪ!
رِل مِل! ڪِل مِل!

اتل اندر جي
سونهن سفر جي
گلَ ڳاڙها ۽ من اجرا
محفل کي مهڪائين ٿا.

ڪيئن حياتيءَ سان؟
توڙ توڙي جوڙ نڀائين ٿا؟
ڪومل حساس، سندر ماڻهو،

موڙهل من، ماڻهن جو پرچائين ـ پرڀائين ٿا!
کي گس امر ٻڌائين ٿا!

# رات جو سهارو

ڏڍَ سهڻي پڱڻ خاطر پٽڪان ٿو
رات جي سانت ۾ هوءَ سڏي ٿي
ٿانيان ٿو
ورونهن ونڊڻ ۽ پريت ڪرڻ جي پياس رکي
ڪَوجهي، ڪاري ڏامر جهڙي
سڌ رکي، ساهه ڇڏي ٿي
خالي مڌ جيئن آءٌ ڇو
هن جو جسم ڇُهان ٿو
جڻ پنهنجو ئي روح ڪُهڻ ٿو
پنهنجي جوت، جواني جذبا
مڏيءَ ڪاٿيءَ ساڻ ڪٿيان ٿو

اونداهيءَ ۾ هيڪل پٽڪي
گپ چڪ، گهٽيون گهيڙ گهان ٿو
اکيون پوري، سندر سوچي
هن جا ونگ ۽ انگ ڇهان ٿو

پر........!!
هوءَ جا مون کي ماڻڻ خاطر
پاڻ کي پيش ڪري ٿي
ڪين لنوائي هڏ پڇائي
مون کي هر پل مات ڪري ٿي
منهنجو ڏاڍُ ۽، دهمان ۽ دڙڪا
هيج مان مرڪي ڪٽندي آهي
ڪيئن ڇوان مان هن کي!

# رات جو سهارو

هٿي پري ٿي!
مون کي مُور نه وڻندي آهي!؟

راتيون جڙ کي
مڏيون ڪاٽيون
وحشي جذبا ڪَڍَي پون ٿا
ڪنهن موچاريءَ جي سوچ جا سپنا
مون کي جڙ ڪيَ وڍَي وجهن ٿا.

# جيون ٻٽيو جنڊ

جيون ٻٽيو جنڊُ
ايڏيون سوچيون اونهيون
جيڏو اونهو سمنڊ.

***

هي ڏامر جو ڏيهُ
سکُ نہ سارج کڏهين
پرين ويا پرڏيهہ!

***

تون ملندين مون سان،
عيدون ٿينديون اي پرين!
ملندس تو سان مان

***

آءُ هليَ اي ڏکَ!
توکي ڪنهن،
ڪنڏيءَ رسايون؟

***

سانت سَهرو ڳايو
تارن پڙي پيهر رات آ
ڪويءَ من پرڀايو!

***

تياڳي من تنواري ٿو،
سهارو ڪو نہ ساري ٿو
زهر ريتن جو ڳاري ٿو!

# چيڙيان ٿو ساز

مان چيڙيان ٿو ساز پرين!
تون ڪو گيت آلاپ پرين
گيت بهارن جو
گيت ستارن جو
زخمن جو ڪو گيت
دردن جو ڪو گيت!
گيت سدائين گونجي جو.
اهڙو گيت پرين ڪو چيڙ
جو منهنجي انگ انگ کي ڦٽڪائي!
تون ڪو گيت آلاپ پرين!
مان چيڙيان ٿو ساز پرين!

# مبهم مبهم

توسان دل جو حال ٿئي اوريان
توکي ٽاريندي ئي رهان ٿي.
تنهنجي الزام کان
مون کي ڪو انڪار نه آ
بيشڪ! ڪجهه ڏينهن کان
دل جو حال نه اوريو ٿم
جو ڪجهه من ۾ آهي سو
ڪين زبان تي آندو ٿم!
تنهنجي ميار کان منڪر ٿي
ڪين سگهان ٿي!

اڄ اندر جو حال اوريندي‌س
دلڙي چيري
تنهنجي قدمن ۾ رکنديس
دل ۾ جيڪا آهه ولوڙ
ان کي لفظن جي ڪا صورت ڏينديس!
اڄ جو سوچيان پئي
سوئي لکنديس!

پر
ٿورو ترس!
مون کي تنهنجو ياد آ جملو
"آئون تجريدي لکندي آهيان"
تڏهين توکي،
مبهم مبهم لڳندي آهيان.

# چوٿين مارچ

چوٿين مارچ وري ايندي
سوچيندا ڪونڌر
ڏرندا ڏونگر
سنڌڙيءَ ۾ آجائي ٿيندي

***

تنهنجي مٿان
گَسنيت هاري تيني ڏيان
ٿمڪ ڏيان تاڙيون وچايان
نه به نه هنيانءُ لري!

***

منهنجو ڪو وطن ڪونهي
منهنجو لاش
مقصد ڪاڻ پٽڪندو
پوسٽ مارٽم لاءِ به قبول نه ڪيو ويندو!

***

ماتم ڪرڻ بجاءِ
ڪفن هيٺان ڏسجو
خاموش ڪي نقش
چٽا ڪي نقش.

# ٻي ڏوهي ناري

ٻي ڏوهي ناري
هڪڙي نجي جيل ۾
ٻي ٿي وئي ڪاري

***

نيٺ نه جهرندا جيل
پنهنجو ڪڙم قبيلو وسندو
وهه وا ٿيندا ميلَ!

***

چوڏس ٿيون ريهون
چنڊ لڪي ويو ڪڪرن ۾
فصل ۾ ٿيون ڪيهون

***

چوڏس جُوڪائي
هاءِ! هن دور ۾
پيار نه پئسو پائي!

***

ڪڪر مڙي آيا
وسيو جانڪ وڏ ڦڙو
اکڙين جُهڙ لايا!

***

ڏينهن هٿي تو ڏنگ
راتيون سوچ صليب تي
ذات رچي ٿي رنگ

# هيڪلائين جو ڏنڀ

هيڪلايون نہ ڏيو
هيڪلاين جي گميري ۾
من جون يادون
وجود وڪوڙي ويندڀون آهن.

۽ منهنجي
جرئتن ۽ وسعتن جو طويل سفر
پَل لاءِ رڪجي ويندو آهي.
هيڪلو نہ ڇڏيو.
هيڪلاين جي گميري ۾....!

# ڪهڙي پريت

ڪهڙي پريت ۽ ڪهڙو پيار؟
اڄ جا ماڻهو آهن ٻار

پيچل چيزي ڪهڙو ڪُماچ
ڏيمر ناهي راء ڏياچ!

پتر جهڙا سڀ جا پار
اڄ جا ماڻهو آهن ٻار

ڪنهن کي ڪونهي ڪنهن جو آڌر
لاش مٿان آ قاتل چادر

رُئندي سُکي ويا نيڻن نار
اڄ جا ماڻهو آهن ٻار

دل ۾ گهٽي گل تي گوڙها
ساهه کڻن تا سوڙها سوڙها

ٻاهر جي منهن ۾ آهه بهار
اڄ جا ماڻهو آهن ٻار

ڪنول لڳي آهان ۾ ڪاني
مان جيئرن ۾ ناهيان جاني

مُردن تي پوء ڪاٺه ميار!
اڄ جا ماڻهو آهن ٻار

ذات ڏوهاري

# جيوت جي جوت آهين تون

چو نہ آئون
تنهنجا ڪومل ڳل ڇمان
جيڪي مون لاءِ لال لهوءَ جي لالاڻ آهن
جيئڻ جو اتساهہ آهن!

چو نہ آئون
هر پل سنڌوءَ مان
ڏوتل ڪنول چهرو
پنهنجي هٿن ۾ جهلي
هڪ ٽڪ ڏسندي رهان
من ئي من ۾ مُهڪان ٻهڪان

منهنجي جيون جي جوت آهين تون!
منهنجي من جي مرڪ آهين تون!
انگ انگ تنهنجو ڇمان
پوتر پوتر امرت پيان.
تنهنجا ڳڻ ڳايان
جڳن تائين مان تو سان جيان!

# اهو رشتو

اهو رشتو رت جو نہ هو
سڪ، ساهہ ۽ سچ جو نہ هو
اهو رشتو ٻُڪَ ۾ پيٽ ٻاهہ جو هو

مون سمجهيو!
ان ٻُڪَ ۾ ڪي ڪٽا
ڏک جا بہ هوندا ـ رُڪَ جا بہ هوندا

پر افسوس
ان رشتي جو ڪو ملهہ، ماڻ نہ مولُ ڪو
نہ حجاب نہ لحاظ نہ ظرف ڪو
اهو رشتو سنورو ٻُڪَ جو هو
ٻکَ جي چڪَ جو هو
لِڪَ لوساٽيل اُڪ جو هو

ٻک ٻيڙو ٽولُ
دانا ديوانا ڪري
هُنَ جي ٻُڪَ، منهنجي ناداني
ذات جي ڏانءُ، ڏوران ـ ڏيهہ ويا
ڳالهہ ڳانڍاپو ٽهي نہ سگهيو

# اهو رشتو

هو ته، ميرو انمول هو
رنگ رتيل رتول هو
هو ته نسورو رول هو
بک بچڙو تول هو

اهو رشتو رت جو نه هو
سک ساهه سچ جو نه هو
اهو رشتو ڏک جو نه هو
اهو نسورو بک جو هو...

# لفظن مان..

لفظن مان
ايري اُسري آهيان
جذبن مان
نڪري پڪڙي آهيان

لفظن مان
ڏوتيئڙن جي ڏڪڙن جو
ڪو اعلان بڻجي اُيري آهيان

جذبن مون کي
ڦاهيءَ چاڙهيو
ڇچري ماريو
چو ته ڪيو مون
حقن جو اعلان،
لفظن وسيلي مون حق گهريو
پنهنجو سر فدا ڪيو
لفظن مان، جذبن مان
ايري اسري نڪري آهيان
ڪو اعلان بڻجي
سرعام بڻجي.
لفظن مان
جذبن مان

# درد چڏي ويا

هوءَ
ڪٿي ويئي،
منهنجا درد
ڪنهن در تي.

اوسيئڙي ۾،
ڏينهن اياڳا
گذريا هئا

سانجهي ٿاٽي،
پريت پکيئڙا،
ولر ڪري
وڻن ٽڻن،
واهيرن ڏانهن
وَريا هئا.
رات اماس جيان
هيڪل وياڪل
منهنجو مَن
ڪنهن جي ڏنل
دردن کي ڳولي
سوچي ٿو

# درد ڇڏي ويا

نيٺ ته ورندا
پيڙائن کي
ساهه ۾ سانڍيي
لوچي ٿو
نيٺ ته ورندا
من مندر ۾
پيڙهه جو پٿر
جيڪي رکي ويا
درد ڇڏي ويا
روئندي روئندي
نيڻ سُڪي ويا.
نيٺ ته ورندا

# راڳي تنهنجو راڳ

راڳي تنهنجو راڳ
ٻڌي مون کي پئي پيو
جيون سنڌو ياڳ!

***

احساس ويا ڪُسجي
۽ لفظن جا دائرا
سارا ويا گهُٽجي!

***

هل! سنياڻي جڳَ ۾
ڏوکي جي دستور سان
ڏوهي مانڊاءِ ڏڳ ۾

***

جواڙيون ڳهن ٻيگار
نجي جيلن ۾
پهرو ڏين هتيار

# اسان پار آهيون

اسان پار آهيون، اسان پار آهيون
اسان ديس پنهنجي جي آڌار آهيون

سگهون جوڙ جڳ ۾ اسان هر ڪا جوڙي
اسان ئي سگهون ظلم، زنجير توڙي
اسان جي ارادن جو منهن ڪير موڙي،
اسان هيمون هوشوءِ جي هوڪار آهيون
اسان پار آهيون
اسان پار آهيون
اسان ديس پنهنجي جي آڌار آهيون

پڌيءَ جا اسان ۾ ٿيا اعمال پيدا
ڪريون ٿا نوان سج، نوان سال پيدا
اسان مان ٿين ٿا نوان لال پيدا
اسا هوش حرفت ۾ هوشيار آهيون
اسان پار آهيون اسان پار آهيون
اسان ديس پنهنجي جي ڌار آهيون

اسان سج، ڏاهپ جون جاٺون ڪمائيون
اسان ڪُن مان ڪشتيون ڪنارن تي آئيون
اسان مرڪي مرڪي مرادون ٿا ماڻيون
اسان پنهنجي ڌرتيءَ جا ڌنار آهيون.
اسان پار آهيون اسان پار آهيون
اسان ديس پنهنجي جي آڌار آهيون

اسان ڪي ته مشڪل جي پرواهه ناهي
اسان جي سگهي ڪير عظمت ڪي ڍاهي

**ذات ڏوهاري**

# اسان يار آهيون

اسان پنهنجي قسمت کي جاڳون ٿا ٿاهي
پيز وانگي ٿيا پاڻ بيدار آهيون
اسان يار آهيون. اسان يار آهيون
اسان ديس پنهنجي جي آڌار آهيون

اسان شينهن وانگر اُٿون ٿا، اچون ٿا
مصيبت کان ڪڏهين نه هر گز ڊڄون ٿا
اميدون فتح جون اندر ۾ رکون ٿا
اسان هر ٿميءَ ساڻ تيار آهيون
اسان يار آهيون اسان يار آهيون
اسان ديس پنهنجي جي آڌار آهيون

اسان جي اچي يار محنت ڏسي کو
هي هوشوءَ ۽ هيموءَ جي همت ڏسي کو
۽ بختاورن جي به جرئت ڏسي کو
ڪنول دشمنن لاءِ تلوار آهيون
اسان يار آهيون اسان يار آهيون
اسان ديس پنهنجي جي آڌار آهيون

اسان يار آهيون اسان يار آهيون
اسان ديس پنهنجي جي آڌار آهيون.

# تلاشجي

نڪري هڪ شهر ڪٿان ٻئي شهر
هلندو هنجي، ڪاهيندو جهنگ جهر
ٻرن ڪا ٻَحَرَ ۽ ٽڪريءَ ٽَڪَرَ

هيڪر ته تلاشجي!
جيڪر ته تلاشجي!
ڪنهن کي ته تلاشجي!

مٿپرو، مٿي ڪٿان مٿاهين
پاتال منجهه پيهل تر تائين

ڪاڏي آنت منجهون
ٻَحَرَ مٿي ٻَحَرُ، ٻيهارجي

ڏسي هڪ نظر
نظرن سان، ماڻهي نظر،
نظر نظر مان گهڙي نظر
چاهه مان
چاهتن جا جوڙي شهر ۽ منظر
سونهن کي سوايو سنوارجي
رڳو خراشجي، ويئو تراشجي

انت، انت توڙين تراشجي
هيڪر ته تلاشجي!
جيڪر ته تلاشجي!
ڪنهن کي ته تلاشجي!

# سنڌ ٿاهيندو

سچو سياڻو سيبتو، سنڌ ٺاهيندو
ڪوڙن ڪڙپيلن جي، لاڪ لاهيندو

اجاري اگهجي اگرو اڳيرو ٿي
سوئ واٽون وٺي ايندو ڪاهيندو
سچو سياڻو سيبتو سنڌ ٺاهيندو

چوئ واٽن، چوئپاسن، چرچو ۽ چوئبول
هينئر هيڪر اڳيان گذرندو سينو ساهيندو
سچو سياڻو سيبتو، سنڌ ٺاهيندو

ڪوڙن ڪڙپيلن جي لاڪ لاهيندو
سچو سياڻو، سيبتو، سنڌ ٺاهيندو

# هليو آ هيڏي

اونده انڌو ڪار
ٽڪ ٽڪ ڪندي واٽڙي
ڪٿان ملندئي يار!

***

پرهه جو ايندا سي
ور ور ڪري او پرين!
سورج سينداسي

***

رلجي ملجي، ٿيءُ پائرن پاءُ
ڪر نه ساڙ، نه ڪو سوداءُ
وڏائي وڪ، اڳتي آءُ

***

هيو آ هيڏي!
تو سان منهنجو من پرين!
ڪابي ۽ ڪيڏي!

***

وجود اندر وحشت
من ويراڳي ٿي ويو
عشق وڏي اذيت!

# پاپي پنهنجا پل

هيڏا گهاءُ، انياءُ به هيڏا پاپي پنهنجا پل،
گل پُسائي هنجون هاري، روئن نيڻ اجهل.

هر ڪو ناهي سامي سائين، هر ڪو ناهي سچل،
پر ڪو ڪو آهي سائين مينديءَ ساڻ رَتل.

جاڳن پيا او منهنجي جيجان امرت آ پيتل،
تنهنجو ڪوبه بچواءُ ناهي، غفلت منجهه ستل.

سڌرا ڏيندا سائڻ توکي اوکيءَ سوکيءَ ۾،
هر ڪو آ انياءَ جو ماريل، هر ڪو آ جاڳيل.

جوين، مدين، سموسُريلو، پريمي پريميڪا،
تن جي جهُولڻ جاڳڻ جي، هر ڪا آهه مهل.

## هيءُ راهگير

تون؟
پيڙهيل ڌرتيءَ جو رهواسي
تون؟
پيڙهيل دل
تنهنجو نالو؟
انسان
تنهنجو مان؟
ظالم نيڪي ڪو حيوان.
تون ڪيڏانهن وڃڻ چاهين ٿو
امن ـ واٽ ڏيکارڻ!
تون ڪيڏانهن اُسهيو آهين؟
هٿيارن واري جنگ روڪڻ
ڪيئن واٽ ڏيکاري سگهندين؟

هر دور ۾ موٽي ايندس!
نيٺ ته جنگ روڪائي سگهندس
ان لاءِ وڙهندي وڙهندي، پيهر وڙهندس!

## دونهاٽيل سِجُ

اڄ سيان جي ڏات
سورن جي سوغات
چڙ ڪا ڪوئل لات.

***

اڄ تون اوري آهه
ڏس ته منڊ وري آئي آ
تون پي موتي آهه

***

هي دونهاٽيل سِجُ
تيک نه تاب نه تيج ڪو
بريٽ ۾ چڙ پڄُ.

***

سهورا احساس
دلڙي ڇاهي ٿي ڪرين
پيچي پورا ناس!

***

ماڻهن کن تورن جا
پڙهيا اٿم، نگن تا!
گيت اُجايل مورن جا.

# ڪي ساسي

ڊگهي رات، پيانڪ خاموشي.
خاموشي رات مٿان پهرو ٿي ڏئي،
رات ڪي ڪارو اڻ ڪٿ بڻائڻ لاءِ.

ڪي ساسي، ڪرُڪنيو جاڳن ٿا
ان رات کي پرکين ۽ پروڙين ٿا
پاهر رات جا چاڙتا پهرو ڏين پيا
۽ هي، تن مٿان... اچانڪ
پارڻ جيان پري اٿن ٿا
خاموشي ٽوڙڻ لئه
ڊگهي رات ڪٽائڻ لئه.

اجهاڳ رات
ماٺو سنل
مڪمل خاموشي
ته به ....
ڪي ٽڙيل پکڙيل
جاڳندڙ، ڏکندڙ ڌرتيءَ جا احساس
پڙاڏو بڻجي گونجن ٿا.
هر سو پکڙن ٿا
جاڳ جو ماڳ بڌائين ٿا.

# سورج سانجهيءَ

سورج، سانجهيءَ ساءِ،
منهنجو اندر اُجاري ٿو.

مَن پَدر کي مهڪائي،
جيوت جڳ، سنواري ٿو.

ڪائو نه خارون اي يارو،
ڪوي، سجڻ ڏتاري ٿو.

جهڪائي، پائي ڪڪرن مان،
چنڊ ڏسو ته نهاري ٿو.

جنم جنم جاڳي ڪو ساٿي،
جاڳ جنو سچ اُڀاري ٿو.

غفلت جو هي ڳجهو هٿيار،
ڪمائتا عضوا ڪاري ٿو.

جيئو جي جرئت ساڻ جوان،
ته موت جلد پڪاري ٿو.

# ڪريون سپ سان پريت

ڪريون سپ سان پريت،
ماٺيو ماٺيو ساٿيو
هن جيون جي جيت.

***

او من منهنجا جاڳُ
اڄ وقت جو ساٿ ڏي
نيٺ نه منڊو ماڳ

***

من ۾ ٻريو مَچُ
پاڻيان ڪو هن دور جو
ويجهو اچي پيو سَچُ!

***

آءُ اياڻي، ڪنهن نه سڃاڻي،
مارئي آنءُ، منير آ منهنجو ماڳ!
ساريو سانگيئڙن کي، ڳايان راڳ.

# فطرت جو قانون

بهار جي مند منهن ڪڍيو آ.
وڻ ٻوٽا پنهنجي اوسر ۾ رڌل آهن.
سج جي وٽندڙ تپش، جاندارن کي جوڀن بخشي رهي آهي.
اوچائين تي،
پکي پکڻ، پوري توازن سان هوا ۾ تري رهيا آهن.
هنن جا اڻ ڳڻيا پاڇا،
گونگي ٻوڙي ڌرتيءَ تي، جاندار ڪي نقش چٽي رهيا آهن.

ڇو اي ڌرتي؟!!
جابرن جي ڪٽڪن، تنهنجا ويڪرا پٽ اداس ڪيا آهن!
تنهنجا ٻارڙا هيڏين سوڙهين، اونداهين.
گئين ۽ گهرن ۾، ڪيئن ڊوڙي سگهندا.
تنهنجا ٻارڙا بند درين جي ڳڙکين مان لغڙ ڪيئن اڏائي سگهندا
تنهنجا ٻارڙا، آسان جي اڏام، ڳن جو هڳاءُ، ڪيئن ماڻي سگهندا.

اي اداس ڌرتي!...!!
ڇو تنهنجي حيات جو فلسفو ماٺ ۾ آهي؟
ڇو تنهنجي رهواسين جو وجود چيٿاڙجي رهيو آهي!
ڇو تنهنجا رهواسي، هراس مان ڳڙکين مان، روشني تڪي رهيا آهن؟
ڇو انهن جا دماغ ڊپيل ۽ زبانون ڪٺيل آهن؟
ڇا؟ انڪري ته تنهنجو قانون لانگ بوٽن جي نوڪ تي هلي ٿو
۽ انسان جو قانون، فطرت جي لازوال فن ۽ فڪر تي هلي ٿو.

# اجائي آس

منهنجي اداس اکين ۾ پائي
جڳ ۾ سرهائي سرهائي
مرجهايل مُک تي مايوسي!

زخمي زخمي مُرڪ لبن تي
اٽيا اٽيا زلف ڳلن تي
ليڙون ڪپڙا گُلَ بدن تي.

جو نه بسنت ۾ جهُمر پائي.
ڪهڙي مُنجهه من تي لاتئي.
ڇا جي ڪارڻ سور پرائي؟

گُل بسنت ۾ ڪڙيا ٽڙيا
پر تو پنهنجي ويل وڃائي
ڪنهن جي اجائي آس لڳائي.

## حسين سوچ

ڪوري ڪاڳر تي
نانءُ لکي تنھنجو
چو ٿي چرڪان

دل جي ڦرھيءَ تي
نانءُ لکي تنھنجو
چو ٿي ٻھڪان

آءُ ھاڻي توکي لڪايان
مان پنھنجي سيني ۾
لڪان مان درد مھورا
پنھنجي دفيني ۾

نانءُ پڙھان ٿي
تنھنجو
ھڪ ھڪ حرف ڪري
پيو نہ ڪوبہ پڙھي
پڙھيو پڙھان مان
ور ور ورد ڪري

تنھنجي نانءُ سان
جوت جاڳي
من منھنجي ۾
جڻ ڪا لاٽ ٻري
ڪنھن ديول ۾
ڪنھن مندر ۾

# سڙان کامان

سڙان ڪامان، پجران
ڪمڙي ڪارڻ، اوڪائڻ
سٿون سمان سور جون

سٿون سمان سور جون
سڙان، پجران ۽ ڪامان
پلئه پوندو هاڻ چا تو مان

پلئه پوندو هاڻ چا تو مان
ڪلان ٻمڪان، هر هر پيمر
رهان چو رنج، اهنج سان

رهان چو رنج اهنج سان
مون سَنو جڳ پئي ڏنو
تو هر وار پئي ڪنو

تو هر وار پئي ڪنو
بظاهر ڏاڍي پيار سان
تيز تکي، تتل تلوار سان

تيز تکي تتل تلوار سان
ڪتر ڪندي، ڪهندي ڪيترا
ٻه ڪي ٿي، مڙئي، مُٺِ جيترا
تو لُٽيا اُٽيا، سَٽيا
هاڻي ڪکو وکو تو ٿين پِٽيا!

# تنهنجي سندرتا

تن من تنواري ٿو
تياڳي روڳي پوڻ ۽ کي
ٿوکي ساري ٿو.

تنهنجي سندرتا
آندي منهنجي جيءَ ۾
ڪيڏي جاڳرتا.

***

وِکَ وِکَ ڪُنائيندي پنڌ،
آهيون وڇوڙي جا ماريل،
ياد پئيان ياد. اُڏيڙيندي سَنڌَ سَنڌَ.

***

هڪ سچو منصورُ
باقي سارو جڳُ آ،
دوکي جو دستور.

***

تنهنجو منهنجو ميلُ!
تمنا جي تڪميل آ
هر ڪو سمجهي کيلُ!

***

رِلي ۽ ٽڪي،
آئون پئي آهيان،
پرين! ٻه اڌ ٿي.

***

نيري اُپَ هيٺان
پاپي ايڏا پاپ نه ڪر
ماٿهو ۽ مرون ۽ سان!

# جيئڻ جنجال

نہ آهي يار تہ محفل ۾ مان پيان ڪھڙو،
سوا سڄڻ جي نہ ساغر حلال ٿيندو آ.

جيڻ بہ ڪوئي ڇوي ڇا جنجال ٿيندو آ،
سواءِ ميت ۽ محبت هي حال ٿيندو آ.

مسيح پاڻ ٿي مجبور ۽ ٿيا مفلوج،
تہ ملڪ اهڙي جو لازم زوال ٿيندو آ.

لڪائي لڙڪ آلا مرڪ سان وري مارڻ،
ڪڏهن فريبي ادا جو ڪمال ٿيندو آ.

ستم ظريفي جو پنهنجا بہ اڄ پراوا ٿيا،
جهان ۾ اهڙو تہ مشڪل مثال ٿيندو آ.

ڪڙيون هٿن ۾ تہ زنجير آهي پيرن ۾،
سماجي رسم سان جاڙڻ جنجال ٿيندو آ.

جيڻ جي آس نہ جنت جي ڪا طلب مون کي،
سدائين تنهنجي ملڻ جو سوال ٿيندو آ.

جو حال آهہ سو گذريو ٿيو وڃي ماضي،
۽ وقت ماضي، وسارڻ محال ٿيندو آ.

# سج

اي سج!
آد جڳاد ڪان
مان پورهيت مان مزدور
هن ڏامر جهڙي ڏيهه ۾
ڏور رهي به ڏنگ هڻين ٿو
چيندڙ شعائن سان
ڳاڙها رنگ ڪرين ٿو.
پڻا ساڙين، جيءُ جلائين

ٿنهنجو ڇو
ويرين جهڙو وير آ مون سان؟
آدجڳد ڪان
مان مزدور، مان پورهيت!

# سنڌو
# ڪاهج

سنڌو ڪاهج هيٺ نه ڪرُ
گهور وطن تان ڌڙ ۽ سرُ

نينهن سچو آ سڪ وطن جي
باقي نينهن ٿي نانگن ٻرُ

ڪاهيندو هل اڳتي اڳتي
هٺ نه پٺتي هڪڙو ترُ

سهٽيءَ وانگر سُرڪي سِرڪي
سير ۾ سرڙو گهوري گهرُ

موذيءَ پنيان ميدانن ۾
قتيل هاٿيءَ وانگر ڦرُ

گوپا تج سو گوڏن هيٺان
جو به مچائي شور ۽ شرُ

ڪنول ! ڏينديءَ ڪا قرباني
تڏهن پسنديءَ پنهنجو پرُ.....

# مهاڳ امهاڳ

لکندي مهاڳ
لکجي وڃي جي
امهاڳ
ڀائجانءِ!
آ ٻن لکئين جو سهاڳ!
جي جوڳي ٿوڳي ٻنجي
جيئن جهڙپيو!
تہ بہ تو ڪارڻ، ڪنديس تياڳ.

ٻن ٻن پٿڪي
سڏڪي سڏڪي
پلئہ پوندو ويراڳ.

لکندي جي
لکجي ويو امهاڳ!

# اَنڌي رات

تون ازل جو ويري ـ
سوچيان ٿو ڇو پوءِ بہ
مان تنهنجو خيري؟

***

اونڌي انڌي رات ـ
جيون رڳو آرسي
وچ ۾ برسات.

***

سيئي ڪيڏيئي ٿس
رات رنگيني تن کي
موڙ نہ آئي راس!

***

اوڳا! او اوڳا!
ڪيڏا ڪيا منڪ جا.
ماڻهو تہ موڳا.

***

مَت ڪي ڏي رَتُ
رَنگ رچن سنگ پچن
چاهہ تي رڌجي پَتُ

# دل ۾ آڳ

ســال گذاريــم جــن ســان گــڏجي
ســاعت ڪــاڻ ســڪائي ويــا.
آءُ اُنهــن جــي مرنــدي جيئنــدي
لقــب اجــايو لائــي ويــا.
زخمــي دل جــو دارون ڪمــڙو،
منهــڙو ميــت مــٽائي ويــا.
گيــت ســان ڏيئــي گهــاءَ هزاريــن
سهســين لاڳ لڳــائي ويــا.
ڪــاتي ڏُڪــان ۽ ڪــاڏي ڊوڙان،
ڪمــڙي وات الائــي ويــا.
ڪمڙيون ڪنديس ڪوڪون ڪارون،
ڏونهيــن درد دڪــائي ويــا.
تــون آهيــن جــو ســيڪي آهيــن،
پــاڻ تــي خلــق کلائــي ويــا.
"ڪنول" شڪايت ڪنهن جي ڪمڙي،
راهــن روهــه رلائــي ويــا.
دل ۾ آڳ لڳــائي ويــا،
نيڻــن ننــڊ ڦٽــائي ويــا.

# هيكل وياكل

ساري ساري توبن سذكي
هيكل وياكل هينٹزو هت.. الاوو....

گيون گيت، چيژيون سنگيت
سون سريكي، كرتِ الا وو.....

هيكل وياكل هينٹزو هتِ.... الاوو..

ذرتيء، چند ٹو كو آهي،
جهومر پاٹي جتِ الا وو...

هيكل وياكل هينٹزو هتِ الا وو.....

روح رلايون، منَ ملايون
كئين كمائيون، تتِ الاوو

هيكل وياكل هينٹزو هتِ الاوو...

هر ور ايندو ويندو ايندو
وِچان نه وجهندو يتِ الا وو ....

هيكل وياكل هينٹزو هتِ الاوو

# من اندر

ڪومل شيتل چوڏهين رات
جوين جوين، چند وشال!
چوڌس چانڊي، پريم سُهائي
پريت، چند چڪور مثال

***

ديس جو رئيس
پرديس وڃي قيس ٿيو
وري به فخر الهہ
ديس واسين سان پيار ڪري ٿو.

***

دل جي دنيا ڪي.
قبر ڪوٺي دفنائي لتاڙي وئين.
گل جي ورڪا ڪانہ ڪيئي
وري نہ ڪڏهن موٽي آئين

***

من اندر امن پنهنجي نوڀيو
ڪيڪار ڪري چيو،
ها لولاءِ تہ وڙهڻ ٿي
جڳ سڄي سان

# غمن جهليو ٻُور

غربت أڪيل راز
وڄندو رهي ٻي سرو
بدحاليءَ جو ساز

***

غمن جهليو ٻُور
سور نوان ڪي سرجيا
سوچون ساڳيون جهور

***

هيڪل رات أماس
ٽمر ٽمر تارا اڪثيون
منهنجو هاڻ اداس

***

اڄ پرين تون اڄ
ڪوريون پنهنجي قلب مان
سارو ڪوڙ ءِ ڪچ

***

رنگين ٻانهن ۾
ٻاپ ڏنن تي ٽڙڪن ٽيون
جوانيون ڪانهن ۾

***

سڀ سان سور نه سلجائڻ!
جهاڳي جهنگ جبل، تون
جوڳين سان ملجائڻ

# جيڪر جنگ ڪريان

تو سان جيڪر جنگ ڪريان
تنهنجو گهيرو تنگ ڪريان

تو لئه باهه ٻيڙ ٻڙڪايان
مارن لاءِ نئون ماڳ ٻڻايان

هيٺ هيبيل ماڻهو ڦڙن ۾
جڳ مڳ جيون جوت جلايان

پوءِ ڊِ سچي تو آهه تپائي
آءُ ٻه تنهنجو ڏيل ڏڪايان

نيٺ ته پورهيت جهنڊو کڻندو
تنهنجي ظلم جو علم جهڪايان

تنهنجي ڪوڙ جو طلسم ٽٽندو
قوم لئه حق ۽ سچ ڪمايان

هيڪر جيڪر جنگ ڪريان
تنهنجو گهيرو تنگ ڪريان

# ٻاراڻي خواهش

ٻاراڻي سڌ
ننڍ سپنو
ڪر ڪٽي اٿيو
چڙيون هڻڻ، لڳو ضد ڪرڻ
اڀ تان لاهي
چنڊ ڏيو
لاهي سورج
ترڻ تي رکو
پاڻي ڪٽورو
هٿن ۾ جهلي ٿو
ڏسي خوش ٿئي ٿو
سورج جا ڪرڻا
چوڏس چانڊاڻ ۾
منڊيل چنڊ
سندس هٿن ۾ چلي هٿو
ڏسي اولڙو هو
ڪلي خوش ٿئي ٿو
جڏهن
ٻالپڻ جون

# پاراڻي خواهش

حدون ٽو اورانگهي
سندرتا لاءِ تانگهي
چنڊ جي چانڊاڻ ڪي
جڪرڻ جي چاهت
گهنگهور ڪارن
وارن ۾ گهيريل
سندر مک، پسڻ لاءِ
جتن هو ڪري ٿو
اچانڪ
آئينو هٿن مان ڪري ٿو
ڪري، ٽڪي پور ٿئي ٿو
هر پور ۾ هو
نهاري ڏسي ٿو
هر عڪس
هن ڪي الڳ اولڙا رولڙا
جي لڳن ٿا
سنڌ پاراڻي
چنڊ سان ياراڻي
ٽڪل پور ٽڪرا
اندر هورا ڪورا
اندر پورا پورا

# مِل ته ڪڏهن

مِل ته ڪڏهن
او سائين!
اندر ڪي تنهنجي تات سدائين
هن جيون اندر
جهاتي پائي
مُرڪي مُرڪي
مِلُ ته ڪڏهن!

# مچندو مچ

مچندو مچ
صبح ۽ شام،
پنڊي پرندي
شاعر پويان
ذات ڏٺين پويان،
سچن ماڻهن پويان!
پوءِ به ٿيندو
سر يارو سچ
مچندو مچ!

# اجا ته مون

ڏانءُ لکڻ جو
اِرڏا گس لتاڙي
پلجي آيو شايد!
اجا ته مون،
نه پڙهڻ سکيو
۽ نه ڪو ڳالهائڻ سکيو.

# هلبو وچ ۽ آءُ هلي

ٿون به هلبو وچ
مان به وڃان ٿو
هي ديس نه تهنجو آهي
هي ديس نه تنهنجو آهي.

تو ۾ پيار نه مون ۾ پيار
هيءُ دستور سين ٿئہ آهي.
دنيا ٿئجي وينديءِ
هيءُ مڪان پرائو ٿئي!
هي استان پرائو ٿئي

هلبي آءُ
آءُ هلي ٿون
آءُ هلي!
ڏرتي وسايون
ڏاڍ مٿايون!
سيني هيٺن ڪي
قدم وڌائڻ سيکاريون

ان اپائڻ
گل اپائڻ سيکاريون
پڙهڻ. پڙهائڻ سيکاريون!
روئبا سيکاريون!
آءُ هلي آ.

جن ٽڙيايو توکي، مون کي
تن کي ٽڙيائي، ٽڙيايون
گڏجي گيت خوشيءَ جا ڳايون.
جڳ سڄي ۾ خوشيون ورهايون!
ساٿي سچ سان ساٿ نڀايون

# نئين ويڙهه

زهر پيڻ
سوريءَ تي چڙهڻ
گهاٽن ۾ گهمڻ
مون کي سونهي!
مان ئي آهيان،
جاڳائيندڙ
جاڳندڙن جو ساٿي!
جاڳي اٿندا جڏهين
هن ڌرتيءَ جا واسي
وڙهندا، پنهنجي حق لئه لڙندا
پوءِ نه رهندي
ڌرتي ڪنهن جي داسي!
مُک مُک تان
دور ٿي ويندي
هيءَ اُداسي!
ڏاهپ سان ڏيهه واسي
جوان، جوشيلا
پورهيت _ ڪلاڪار
ڪٽي نڪرندا نڪور پيالا
مُرڪي پيئندا
آزاديءَ جا
پُر پيالا

# مذاق

هڪ پيري تو چيو هو
هل ته هلون هن پار
ملي پوندو ڪو پٽر
مذاق ۾ اُن ڪي روئاڙيون
مذاق ۾ اُن ڪي ڪلايون
شايد اُن ڪي دل نه هوندي
دل تي هٿ رکي تو چيو هو
شايد هن ڪي آس نه هوندي
امنگ نه هوندي شايد
تڙپي لڇي مُرڪي
تتي پوندو، پاڻي تي پوندو.
پٽر هوندي به اسان جي
مذاق سمي نه سگهندو!
پوءِ، تو ائين ئي ڪيو ۽ ائين تو ڪرين
پر ڪيسين؟
پر ڪيسين تائين.

# ويل وِيلَ کي ڪير ورائي

جڏهن سارنگ سز وڳا ها
آئيا نرالا رنگ پرين ها
ويل وَيلَ کي ڪير ورائي،

ميت سواءِ مون جُهومر پائي
بهار جا ارمان وڏايا.
هو دور ويا آءُ ويچهو آيس.
ويل ويل کي ڪير ورائي.....

هر سو بس پڙلاءَ هئا
نه بهارون نه سارون سز هئا.
ميساريل نشان، تتل خواب هئا.
ويلَ ويل کي ڪير ورائي.....

نه منزل جو پتو نه ڪي روح جون رڙيون
هر پاسي اونڌهه ء انڌوڪار هئا.
دنيا ويران دل آباد هئي
ويل ويل کي ڪير ورائي....

# ڪي ماڻهو چڱا

موت جا پنڇي
پر پکيڙي
ڪوڪاري ٻاڪاري
ڊوڙون پائن
اُڀَ ڌرتيءَ توڙين
ڳولهين ـ ٽانگهين
چوڏس ـ چوواٽا
ڪي ماڻهو چڱا
ڪي ماڻهو چڱا!

# هليو وچ

ڪـــڙا قـــرب وارا ڳنـــڍيائي هليـــو وڃ،
سـنگهر ظلم جـا سـپ ڇنـائي هليـو وڃ،

محبت جـون مرليـون وڄـائي هليـو وڃ،
ســتل جـــڳ وارا جڳـــائي هليـــو وڃ.

اجهـــاميل شمـــع کـــي جلائـــي هليـــو وڃ،
جهـــالت کـــي رڃ ۾ رلائـــي هليـــو وڃ.

وڻڻ جي نه ڪر تون، ڏئي تون هليو وڃ،
سـبق تـون سـخا جـو سـٽائي هليـو وڃ،

ڪيـل قـول وعـدا تـون پـاڙي هليـو وڃ،
وڇوڙيـــل دليـــن کـــي ملائـــي هليـــو وڃ.

مســـافر پنهنجـــو گهـــر بنـــائي هليـــو وڃ،
ڪنـــول ســـاڻ هتـــڙو ملائـــي هليـــو وڃ.

# سوچ تري آئي

سوچ تري آئي
او مَن! تنهنجي لتڙيڻ جي
مُند وري آئي!

***

نه ڪا ذات، نه ذات
ميل آهي، بس وو
سڀ جي سوغات!

***

لڳي اُتم پياس
پاڻُو هه پنڌ
سنڌو ـ بي قياس.

***

راڳي ڳائي گيت،
منهنجي انگ انگ ۾،
چيڙيا چڙهي سنگيت!

***

سجاڳيءَ جو سڏ ٿيو ٿئي
اُت سورمي
سجاڳيءَ جي سُتي پيءُ

# مُند ته اُهائي

وڄون وسڻ آئيون
اچو اچوڙي سائيو!
عيد رُت ماهائيون.

***

مند ملهار وري آئي
منهنجي، رُت جي ڪانه سري
تنهنجي ڪيئن سري آئي.

***

مند ته اُهائي
جيون جوڀن ۾
ڪيڏي ـ سُهائي!

رنگ برنگي گل ٽڙيا
ڏرتيءَ تي ساوڪ آ ڇانئي،
ڏس ته ڪيڏا، ڀونر مڙيا!

من ۾ ٻري مچ
جرڪي جرڪي جوت ڏئي
سندر سارو سچ.

***

ڪڪڙن هنيو ڏسُ
آڌيءَ ويل اُماس ۾
نينگر لاٿو هَسُ؛

# جيون آ الزام

جيون سارو آ الزام
ڪنهن لئه روح جو جام
نه ڪنهن لئه موت جو پيام
تو ڪنهن کي گلي لڳايو.
ڇڻ سيني تي پيڙ مچايو!

مرندين به نه هت خاڪ نه ملندئي!
جيئرو هوندين به، جان نه ڇڏائيندي
هيءَ ڪتورن جي نگري آ
ڪنهن کان ڪنهن کان، پلئه ڪندين تون

تنهنجي نسل جي نگري آ!
تو لئه پاڻ بچائڻ مشڪل
هر پل ساهه پيئڻ جو پل آ
مري نه سگهندين!
جِي به نه سگهندين
هر پل قيامت
هر پل شامت !!

# تبديلي

اي دوست!
اسان جي پرڻ سان،
اسان جي جلڻ سان،
انقلاب جي شروعات ٿيندي!
جي ائين آهي ته پوءِ،
اچ ته پاڻ ٻئي جلي،
اهڙي شروعات ڪريون.
اچ
پنهنجي ايندڙ نسلن ڪاڻ
روشن ڪا راهه ڪريون.
جلي جاڳي انقلاب جي شروعات ڪريون.

# نگري نئين

سچ بچائڻ لاءِ
نگري ڪا نئين جوڙ

نئين ڪلا ڪا جوڙ
ڪائڻ جو ڪنڌ موڙ

اوندهه منجهه نسل پنهنجو
لاٽ واٽ ڏانهن موڙ!

سچ بچائڻ لاءِ
او ساٿي
نگري ڪا نئين جوڙ

# نيڻ نماڻا

اُٿيا وار حال پراڻا
توبن هاءِ وٺاڻ ويڳاڻا
هاءِ هي تنهنجا نيڻ نماڻا

نيڻ ڪٺي ٿا جڏهن نهاريو
موت ڪان اڳ ٿا مون کي ماريو
من ۾ چوليون تن وساڻا
هاءِ هي تنهنجا نيڻ نماڻا

آهيون اصل کان تنهنجا ديوانا
پاڻ نه ڏاها پاڻ نه دانا
سالڪ سمجهو نڪي سياڻا
هاءِ هي تنهنجا نيڻ نماڻا

راهن ڀٽڪيل منزل ماريل
ڪنهن جا نه ساٿي، ڪنهن جا نه ساريل
نڪي مارو نه ڪي اباڻا
هاءِ هي تنهنجا نيڻ نماڻا.

# نيڻ نماڻا

پورا سپنا، آس اُجهاڻيل
پاپي ڏيهه جا ڳمايل، ڳماڻيل
دل جا سارا ديپ اجهاڻا
هاءِ هي تنهنجا نيڻ نماڻا

حڪم اوهان جي هلڻو آهي
بانهي سڏائڻ سوکو ناهي
ڌرتيءَ دَرَ جا آهيون وڪاڻا
هاءِ هي تنهنجا نيڻ نماڻا

ڪنول مهل ۾ مرڻو آهي
سورمي سڏائڻ سوکو ناهي
سوٽ جون ڏکيون پنهنجا ماڻا
هاءِ هي تنهنجا نيڻ نماڻا!

# جيئڻ خاطر

نئين بغاوت، نئين بغاوت
ننڊ منجهان آزاد آ ٿيٺو
من تي جبر ڪري او ساٿي
هر مرحلو طئي آ ڪرڻو
جيئڻ خاطر، خوش رهڻ خاطر.

نئين سجاوٽ _ نئين سجاوٽ!
آئيني کي اگهٺو آهي،
هر ڪو داغ ته ڌوئڻو آهي،
نڪور چهرو ڪرڻو آهي!
جيئڻ خاطر _ جيئڻ خاطر!
ڪجهه ڪرڻ خاطر _ خوش رهڻ خاطر!

سوچ نڪوري _ سوچ نڪوري!
اونداهين ۾ رهڻو آهي!
روشنين ڏي وڌڻو آهي
ظالم هڪالي ڪڍڻو آهي!
جيئڻ خاطر جيئڻ خاطر
ڪجهه ڪرڻ خاطر، خوش رهڻ خاطر

# مقصد

سفر ڪندي
ريگستان جو ساٿي نظر ايندو آ
ڏاڍو وڻندو آ
پوتر ۽ پيارو لڳندو آ

ذهن جو ساٿي،
رڻ پٽ ۾
هلندو آ
زندگي کي امر بنائڻ لاءِ
زندگي کي پوتر بنائڻ لاءِ.

# سهڻو دیس

سهڻو ديس ـ منهنجو ديس
سنڌو ديس ـ منهنجو ديس

اجرڪ ٽوپي ٽونگي پٽڪو
سوسي گربي منهنجو ويس
سنڌو ديس ـ منهنجو ديس

سنڌو ديس ـ سنڌو ديس.
سنڌ جي سونهن مزدور هاري
ناري سونهي لال لبيس

مرڪي مرڪي ڏاها سورهيه
پاڻ ملهائين ديس بديس
سنڌو ديس ـ منهنجو ديس.

پيار مان پوکن پوکون هاري
اوچڻ جن جو ڪٿو، ڪيس
سنڌو ديس ـ منهنجو ديس.

# شَڪُ

باٽ اونده
نيٽن مئي پريل
ماڻهن تي نشو نند جو
پويون پهر رات جو.
خيالن ۾،
پير پير ۾، هٿ هٿ ۾!

توڙي ڪري
قسمت ٿني
نشو ٿئو
جام پگهو
مئي هاري
ڪماڙيون چمڪيون
دوڙا ڦوٽاريا
هيڏانهن هوڏانهن
ماڻهو سارا
ريتن جا ڪيائون ڪانَ اُيا

ڪومل سهٽي!
ڪاري ٿي وئي
پهرين رات ئي نه ڦبي!

# عورت ڇا آهي

ڪنهن وڻشيا جي
عورت جاڳي،
ڳوندر ڳند ڳناهه ڇاهي؟
ماءُ جي پيٽ مان
جنم وٺي پوءِ
هر ڪا عورت
وڻشيا ناهي.

بس!
سماج جو، سُٺُ منجهيل
عورت يورپ، ايشيا ناهي
عورت ڪائي وڻشيا ناهي

"عورت"
پوءِ آخر ڇا آهي؟
ڏاڏي حوا يا امڙ مريم
پوتر ناتا جڙيل جنهن سان
لال ڪنوار يا...
ڪاري ڪنهن سان؟...

# ديپ جلايان

درد ديپ جلايان ها
پاڻ کي امر بنايان ها.

تن اندر تقدير جون چوليون
وچڙيل وير ملايان ها.

درد ديپ جلايان ها..

سنڌڙيءَ جي، سيندور ڪري،
مٿي سينڌ لڳايان ها.

درد ديپ جلايان ها..

هر سو ڪئين آلاپ اداس،
من کي ساز وڄايان ها.

درد ديپ جلايان ها..

ڌرتيءَ ساڻ ازل کان ناتو
ناتو نينهن نڀايان ها.

درد ديپ جلايان ها..

جيجل ڌرتيءَ ماتا لئه
پنهنجو ڪنڌ ڪپايان ها.

درد ديپ جلايان ها..

جيجان سنڌ سورا تنهنجا
وائيءَ ۾ ورنايان ها.

درد ديپ جلايان ها..

# ڳڌجي بُکَ مِٺايون

ڏيهہ ڏکويل آهہ، وڏون!
همت ڪريون !
رڳو ستمر آ
امن نہ آهي،
آمر آهن
جابر آهن
جن
من ڪومايا، ڳل ڪومايا
ڌرتي ساڙي، ماٺهو مارايا
هر سُو ڇانيل آهہ اُداسي

او سائين! ،
هيڏنهن هوڏنهن
پيٽ بکايل
ڌرتي ساري آهہ ڏُکايل
آءُ تہ ڳڌجي
بک مِٺايون
ڏک مِٺايون
وارو ڪريون
همت ڪريون.

# هيرن جو كشكول

هي جو منهنجو جهول آ
هيرن جو ڪشڪول آ

جاچي پل لڙڪ اوهان
جيون رنگ رتول آ.

هيڏي هوڏي پيو ڦري،
روح ته منهنجو زول آ.

چاهت ۾ آچا رکيو؟
جو هرسو چوئول آ.

ڇهرا ڪاڻا ڀڪڻا،
زخمن تي ته ٽول آ.

پيرو پيڇندا ڦري گهري
ڇو جو ذرتي ڳول آ.

# منهنجي تڙپ

منهنجي تڙپ
امن لاءِ پُڪار
پيار لاءِ پڪار

ماحول جي ديوار ۾ ڪُتل
ڪو ڪو ءِ ڪنڊو
هيٺ، رُڳهَہ ۽ رولو
مٿان سج جو ٻرندڙ گولو،

مندر ۽ مسجد ۾
ڪي چرڙات ٻُڌون ٿا

هر ڏس فتنو ۽ ويڙهاند ڏسون ٿا
منهنجي تڙپ.
امن لاءِ پڪار،
پيار لاءِ پڪار!

# تو پناري

مرشد تو پناري، هيءَ گندي گندري
تون پار مون پڄائجان،
تون عرض سڀ اگھائجان

وڃان وهلور ٿي مان
زندگي وڃائڻ ڪانپوءِ
ذرو نه هٽان مور ٿي مان،
منهنجو تون ئي تون آن
پوپٽ جي رنگن ڪان به وڌ پيارو
رات جي راڻيءَ ڪان به وڌ معطر
آهين جو تون ڏٽيءَ جو پلارو

تون پار مون پڄائجان
تون عرض سڀ اگھائجانءِ
مرشد تو پناري، هيءَ گندي گندري
نِمٽي نماڻي، سياءَ ٿي قلندري

# منهنجو من گهري اُمنُ

جبلن سان سر ٽڪرائي
رتورت ٿيندو
لهرن ۾ تڙپي تڙپي
ڪنڌيءَ ايندو

گهاٽي ۾ پيڙ هجي
هٽندو هيءَ صدا
او جابرو!
او خبيثو!

منهنجو من گهري امن
منهنجو من گهري اُمنُ
منهنجو منُ
گهري اُمنُ!

# ڏيھہ ڏکن جو

جوت جواني سارين جو تو
ھنجُون ايڏيون هارين جوتو
جڏڙو جيءُ جيارين جو تو
ڏيھہ ڏکن جو تئي ڙي بابا
ڏيھہ ڏکن جو تئي ڙي بابا

چھنگون سور جون سُورين جو تو
جيءُ رڻڪ سان جھورين جو تو
موتي خاڪ ۾ تورين جو تو
ڏيھہ ڏکن جو تئي ڙي بابا
ڏيھہ ڏکن جو تئي ڙي بابا

چاھہ سان ڪنھن کي چاھين جو تو
پاڻ تان ليڙو لاھين جو تو
ڳاھہ ڪندين جو ڳاھين جو تو
ڏيھہ ڏکن جو تئي ڙي بابا
ڏيھہ ڏکن جو تئي ڙي بابا

ڪنھن سان نينھن نيائين جو تو
نوھہ کي پارس لائين جوتو
بئي کي پنھنجو پائين جو تو
ڏيھہ ڏکن جو تئي ڙي بابا
ڏيھہ ڏکن جو تئي ڙي بابا

## ڏيهه ڏکن جو

ڳالهه ويل کي ڳوليِن ڇو ٿو
پاڻ رڻن ۾ روليِن ڇو ٿو
حالِ ڪوڙن سان ڪوليِن ڇو ٿو

ڏيهه ڏکن جو ٿئي ٿي بابا
ڏيهه ڏکن جو ٿئي ٿي بابا

ڇو نه پکين جان اُڀ ڏي اڏرين
ناحق بند ماں ڇو نه ٿو نڪرين
آزاديءَ ڏي ڇو نه ٿو اُسرين

ڏيهه ڏکن جو ٿئي ٿي بابا
ڏيهه ڏکن جو ٿئي ٿي بابا

# رُتبو حُسين جو

رهبر ڏارين ڌور ڪيو
ايڏو ڇو مجبور ٿيو!
حق گهرڻ تي، ڦاسي ڦٽڪو
قاتل جو دستور ٿيو!

ساماڻو سقراط نئون
سوريءَ چاڙهڻ رات نيو
پاڻ اونداهه ۾ منور ٿيو
اناالحق منصور ٿيو

ازل کي ڪمڪاءُ نه ٿيو
ويرين لاءِ لقاءُ ٿيو
ماٺي رتبو حسين جو
ڪيڏو موت حَسين ٿيو

ملڪن ۾ مشهور ٿيو
ڏاڍ به چڪنا چور ٿيو
موت نه جنهن کي ماري سگهيو
ماڻهن منجهه شعور ٿيو

قيدي هڪڙو ضمير جو
سنڌ جي مٽيءَ خمير جو
ڳوهيل پر فولاد هيو
سنڌڙيءَ جو اولاد هيو.

# تنهنجي ذات ذوهاري آهي

هاٺي ويٺي پوڳ سکي
تنهنجي ذات ذوهاري آهي
ذات جا ڏيئا ٻاريئي، پوءِ ٻه
چوڏس انڌ انڌاري آهي.

سر جو سانگو لاهي پاهي
ڪوڙ ڪيرائي پٽيون ڊاهي
جاڳرتا جا سڏ اونائي
ذات جو چڏيئي ڪنڌ نوائي
ذات جا ڏيئا ٻاريئي پوءِ ٻه
چوڏس انڌ انڌاري آهي
هاٺي ويٺي پوڳ...

جيون داءُ لڳائي چڏيئي
وات تي ڪيئي ماري گڏيئي
لوڪ ڏنو ڪو، ويڙهو ويڙهه وڙهي پيو
هيڪل وياڪل ناري آهي
ذات جا ڏيئا ٻاريئي پوءِ ٻه
چوڏس انڌ انڌاري آهي
هاٺي ويٺي پوڳ...

# تنهنجي ذات ذوهاري آهي

خالي نيڻ اُجهاڻل آسون
ذات رسي وئي، پوءِ به جياسون
جيئڻ جهڙو سوڳ سکي
ذات جا ڏيئا ٻاريئي پوءِ به
چوڌس انڌ انڌاري آهي
هاڻي ويٺي پوڳ.......

لوڪ ستي پوءِ
ڪا نه ڪُسي وئي
ذرڙيون هٽي رات رسي وئي!
شڪ ۾ هوءِ به ڪاري آهي
ذات جا ڏيئا ٻاريئي پوءِ به
چوڌس انڌ انڌاري آهي
هاڻي ويٺي پوڳ...

من منجهه جو پيٽ اجايل
رڄ ۾ جيئڻ ڪا هرڻي گهايل
جيون جڻ ڪو روڳ سکي
تنهنجي ذات ذوهاري آهي
هاڻي ويٺي پوڳ......

# تنهنجي ذات ڏوهاري آهي

تاريخي سڀ ورق ورائي
آڳريون وڍائي قلم ڪرائي
رت سان ڪوتائون سرجائي
جنگ ازل ڪان جاري آهي
ذات جا ڏيئا ٻاريئي پوءِ به
چوڏس انڌ انڌاري آهي
هاڻي ويئي پوڳ...

سڄي سيج ڪنول ڪوماڻا
من منڊل ۾ نيڻ اُجهاڻا
جاڳڻ جوڳ آجوڳ سڪي.
هاڻي ويئي پوڳ سڪي
تهجي ذات ڏوهاري آهي
ذات جا ڏيئا ٻاريئي پوءِ به
چوڏس انڌ انڌاري آهي.

# هلندا هلجو

جوتي ور ور جرڪائيندا
ويرينِ کي وڏ تڙپائيندا.
هلندا هلجو. هلندا هلجو

گيت آزاديءَ جا جت سرجن.
ان پاسي رخ ڪريو ساجن
هلندا هلجو. هلندا هلجو
هلندا هلجو. هلندا هلجو

ٽانڊاٽا جت ٽا ٽمڪن
ان پاسي کڄجو قدم تي قدم
راهه ۾ ساهه نه سهڪائجو
هلندا هلجو. هلندا هلجو

وڄندا گرجندا.
ويتر ڪڙڪندا ڪڙڪجو
هانءُ نه هارجو پيلي
هلندا هلجو. هلندا هلجو

# هلندا هلجو

سهندا سهجو سپ سور ناسور
ويتر وتيئرا ڪٽجو قدم

مور نه موٽ ڪائجو
هلندا هلجو هلندا هلجو

چنڊڻ جي ڪرت ڪاتا ڪريو
نينهن نيائڻ جي هر هر ڳالهه ڪريو
پڙ ۾ پاونگ، گمڙجو جو ۽ وڙهجو
هلندا هلجو، هلندا هلجو

جوتي ور ور جرڪائيندا
ويرين ڪي وڏ تڙپائيندا
هلندا هلجو هلندا هلجو

# او ذرتي ماتا

او ذرتي ماتا، او ذرتي ماتا!
وچن وٺي ڇڏ،
هيءَ حياتي،
سوچ ۽ لوچ
تو لئه، تنهنجي نسان لئه!
او ذرتا ماتا!
وچن وٺي ڇڏ،
هيءُ سسي
۽ هي ساهه،
تو لئه تنهنجن مزدورن لئه!
او ذرتي ماتا
وچن وٺي ڇڏ،
هر خواهش هر ارمان
تو لئه، تنهنجي مسکينن لئه!
او ذرتي ماتا!
وچن وٺي ڇڏ
جندڙي ڏک سهندي،
تنهنجو ننگ رکندي
تو لئه، تنهنجن سانگين لئه!
او ذرتي ماتا!
وچن وٺي ڇڏ،
جوت سان جوت
جاڳائيندي،
ڪاري رات کٽائيندي
تنهنجي لئه تنهنجن ٻچڙن لئه
ٻرنديس، ٻرنديس، ٻرندي رهنديس!
او ذرتي ماتا، او ذرتي ماتا!

**ذات ڏوهاري**

# جدائيءَ جو عذاب

جدائيءَ جو جاني!
گهڻو زهر پيتو اٿم.
مري جي، اڻانگو سفر ڪاٽيو ٿم!
ٽڪر ڪاهه ٽڪر ساڻ ڪاڏو اٿم!
هلي آءُ هاڻي، نه ڏس تون عذاب!
جدائيءَ جي هڪڙي گهڙي
ڏس ته ڪيڏي ڏکي آ!
ڏسي واٽَ تنهنجي پرين!
سُور ناسور ٿي ويا!
ڏسڻ لاءِ هڪڙي جهلڪ
گهڻو رول ڀڄي
رُلي راهه ٿم!

# شڪايت نامو

چنڊ! تنهنجي من ۾ ناهي ڪابه مهر،
مان جلان، جاڳان ۽ تون تڙپائين ٿو!

اي ڪڪر! تو ۾ اميدون آسرا
پر نه ترَ تي بوند ڪا برسائين ٿو!

اي تکا طوفان سوچيو ٿئي ڪڏهن؟
ڪئن غريبن جا اَجها ڪيرائين ٿو!

باهه جي گولي جيان اڀرين ٿو سج!
ڪَلَ پورهيتن جي چالئه ڪائين ٿو!

پوڙ ۾ منهنجا ٻچا ٻي گهر ٿيا؟
چوهَه مان مهراڻ چو چرڪائين ٿو!

## اچو ته ڳايون

اچو ته ڳايون
گيت خوشي جا
ڪمزي ڪل
ڪنهن ٻئي پل
ڏکن جو ديو
وات پٽيو بيٺو هوندو.... سرت پريا
سر سنگيت سمورا
ڳڙڪائڻ لاءِ !

# آواز

نيري مانُي ڪنهن چادر مان،
سيتل سپنن جي ساگر مان،
موتي جيڪي ميڙيا هئا مون،
تن کي ڪير وکيريۓ ويو.

من ماٽر جي گونجارن مان،
ڇيڙيل سازن جي تارن مان،
نغما جيڪي ڇيڙيا هئا مون،
تن کي ڪير وکيري ويو.

پاڻي ڏيئي پوکيم سنڑا،
پيار جي گلشن جا هي گلڙا،
سورن ساڻ سهيڙيا هئا مون،
تن کي ڪير وکيري ويو.

نازڪ نازڪ نينهن نظارا،
عرش تمنا جا هو تارا،
نيڻن منجهه نکيڙيا هئا مون،
تن کي ڪير وکيري ويو.

ساهه سان لائي سانوڻ سيارا،
سک جي گلشن جا کي پارا،
ڪلندي ڪنهن لئه ڪيڙيا هئا مون،
تن کي ڪير وکيري ويو.

## مون ڪجهه چاهيو

مون ڪجهه لکڻ چاهيو پر...
ظالم سماج ڪجهه به لکڻ نه ڏنو.

مون ڪجهه اورڻ چاهيو پر...
هنن ڪنور انسانن ٻڌڻ نه چاهيو.

مون پنهنجا امنگ اپارڻ چاهيا پر...
وحشي درندن منهنجن ارمانن کي دفنائڻ چاهيو.

مون زبان سان ڪجهه ٻولڻ چاهيو پر...
تنگدل انسانن منهنجي چپ کي ڪاٽڻ چاهيو.

مون سنڌو لاءِ سرفروش ٿيڻ چاهيو پر......
بيدردن مون کي بت فروش بنائڻ چاهيو.

# مان آهيان ماءُ

مان!
جرئت جي
هٿيارن جي
آهيان سردار!

اچ!
جرئت همت جا
تو کي ڏيان ڏاڻ!

مان قوم جي
سپوتن جي آهيان ماءُ.

اچ سرويچ!
ڏيان توکي ساهه
ڏيان توکي ماهه!

# او سائين

آءُ اسان وٽ ويهه
او سائين!
ڇڏي سارو ڏيهه!
سندر تون، سانول تون!
او سائين
منهنجو ميت ۽ رانول تون
او سائين!
سون به تون ۽ سچ تون،
او سائين!
من مندر ۾ اڄ تون!
مون کي پيار ۾ ونگ تون،
او سائين!
منهنجو جيون رنگ تون!
ساهه به تون ۽ چاهه به تون
او سائين!
منهنجو آن ويساهه به تون،
سونهن ـ نگر جي سونهن به تون
او سائين!
وندر به تون ته ورونهن به تون
منهنجو من تون ـ تن تون
او سائين!
جيوت جوت گگن تون!
رند به تون ۽ پنڌ به تون
او سائين!
سرهو من آڳنڌ به تون!
راڳ به تون، ويراڳ به تون
او سائين!
منهنجو ماڳ ـ مُهاڳ به تون!
پاڳ سپاڳ سهاڳ به تون
جسم به تون ۽ روح به تون
شام به تون ته صبوح به تون

# لهرن لڪ لبيس

منهنجو من چاهي
اچان، توڏي! او پرين!
لاڳاپا مِٽ لاهي.

***

نئين نسل جوُ پيغام
وٺبو ويري تو کان
جنم جنم جو انتقام.

***

جيڪي هيڪل ڌُڪندا آهن،
رڳو ۽ رڳو پنهنجي ئي خاطر
هارائيندا، ڪٽندا آهن!

***

ذرتيءَ جو جن سک سانزيو،
تن لاءِ اچو،
باهه پيڙ ٻاريو!

***

لهرن لڪ لبيس
ور ور من - ساگر تي
ڪهڙا ڳولهين ويس!

# اندر منهنجو اڌ

اندر منهنجو اڌ ، اڌيون ٽڙي!
ڪونه سجهي ڪو ڏڳ!
اندر منهنجو اڌ اڌيون ٽڙي...!

ڪنهن سان ريجهه رهائيون ڪريان،
واٽ جهلي تو جڳ !
اندر منهنجو اڌ، اڌيون ٽڙي!

سک ڪيا ساڙوليءِ دُنيا،
سانپيم سورن سڳ،
اندر منهنجو اڌ، اڌيون ٽڙي!

سَر جي پيار پلا ڪيئن مَن ۾،
گهوٽ ڪراڙو ڪڳ...
اندر منهنجو اڌ، اڌيون ٽڙي!

ڪونه سجهي تو ڏڳ!
اڌيون ٽڙي.....
اندر منهنجو اڌ.....

# علم هڪ فارمولو

علم هڪ فارمولو آ
جيڪو اصل ۾
ابوجهن جي بهتري لاءِ جڙيو آهي!
اچ! ان فارمولي کي استعمال ڪرڻ جون،
هزئي پيچيده واٽون سکون!

علم هڪ سچ آهي،
جو اصل ۾،
ازل کان ابوجهن جيو آهي
اچ! هاڻي اُن جون واٽون ڳولهيون
هر انياءَ آڏو سچ چوڻ سکون!

علم سچ جي واٽ آ،
علم حق جي لاٽ آ.

# ساهه
# سپيئي
# سنڌ تان
# گهوريو

پٽ جو ڏاگهو پريت اسان جي
ناهه چنڊ جي ريت اسان جي
جڳ جڳ ۾ آجيت اسان جي
پتر وانگي پيو سڀ پوريون
ساهه سپيئي سنڌ تان گهوريون.

دل ۾ جاڳي آس هي نئڙي
تنهنجي سنڌڙي منهنجي سنڌڙي
گهوريون جنهن تان جان ۽ جندڙي
سور به هن جا ساهه ڏي سوريون
ساهه سپيئي سنڌ تان گهوريون.

عزم ارادا پڪا اسان جا
قول ڪي ناهن ڪچا اسان جا
رت سان هٿڙا رتا اسان جا
ماس گهري ته به ڪاتيءَ ڪوريون.
ساهه سپيئي سنڌ تان گهوريون.

پيون پياريون سڪ جي سُرڪي
موت ملهايون مُرڪي مُرڪي
ڪنڌ ڏين جي ڪُرڪي ڪُرڪي

اور نه ڪائي تن سان اوريون
ساهه سپيئي سنڌ تان گهوريون.

# ساهه سپيئي سنڌ تان گهوريو

جهڙا تهڙا ماڻهو ناهيون
اسان ئي سنڌ جي عظمت آهيون
ناحق ڏاهيون، حق کي ڏاهيون
چار رڳو جي چپڙا چوريون
ساهه سپيئي سنڌ تان گهوريون.

هوش وڌايون جوش وڌايون
راهه نئينءَ تي قدم ڄمايون
ترڪيون هٿي طوفان هٽايون.
مٽي ماتا جي رت سان توريون
ساهه سپيئي سنڌ تان گهوريون.

اوکي اهنجي، سهنجي ٿيندي
دنيا تنهنجي منهنجي ٿيندي
جيت پڪان پڪ پنهنجي ٿيندي.
ڏکڙا ويندا، ٿورو ڏوريون
ساهه سپيئي سنڌ تان گهوريون.

سنڌڙي ناڻءُ ڪنول جيئن ڪومل
ساهه ۾ سانڊيل مٽڙي جيجل
جان به گهوريان جنهن تان هر پل
هن سان پاتل پُٽ جون ڏوريون،
ساهه سپيئي سنڌ تان گهوريون.

ذات ڏوهاري

# منهنجا ساٿي

جگن ڪنان
جگن توڙين
پنڌ ڏکيو
وات اٿانگي
پوءِ به
قلم ۽ ڪاڳر
سُرندو ۽ سُر
رنگ ۽ برش
سوچون، لوچون
ذات ۽ ذانءُ
منهنجي سهيڙ ـ سموهڙ جو
سڀ پرڪاش!
جيسين دنيا دائم آهي
قائم آهي سنڌ ساٿ
مور نه ٿيندي ڀاٽ
ٿيندي رهندي جوٽ.
وڌندي رهندي جوٽ
قلم، ڪاڳر سان
سرندي، سر سان
رنگ، برش سان

# ايندڙ پل لاءِ

مون سوچيو!
تنهنجو نانءُ
ذرتيءَ جي ذري ذري تي لکان!

مون سوچيو!
تنهنجو نانءُ
پل پل ۾ ڳنهان!

مون سوچيو!
تنهنجو نانءُ
هر ڇهندڙ وجود تي رکان.

ها ائين ئي ڪريان
جي تنهنجو وجود
انسانيت ۽ امن لاءِ ڪارگر هجي ته!

# ڪومل بدن

ڪومل، ڪوئرا، گرم گداز بدن
ماس ٿا پٽيو، رهڙيو ۽ روڙيون سندن

بحري باز جي چهنبن، چنبن ڪان تکا
جهڙا ڪانڌيرا، ڪندا، روڙيو، رهڙيو رَندن

ڪومل ڪوئرا گرم گدازبدن
ماس ٿا پٽيو، رهڙيو روڙيو سندن

## چِکيا

جاڳائيندڙ جاڳن پيا
آڌيءَ ويلي، سانجهيءَ ويلي
مرڪي پوندو سڀ جو مُکُ!

## چڙهڻ

ڏاهپ _ مکڙي ٿيندي گُل
اهڙي ويلا ايندي ايندي
ايندي اهڙي چاڙهَ گهڙي!

چکيا چڙهڻ جي
مرڪي مرڻ جي
مري جيئڻ جي

جاڳائيندڙ جاڳن پيا
جاڳن پيا!

# ماڻهن جي ميڙ ۾

آءُ ماڻهن جي ميڙاڪن ۾ هيڪلو
آءُ پنهنجن ۾ رهيس ويڳاڻو گهڻو.

مون کي دوستن ڏنا گهاءُ گهڻا،
جن سان آئون رهيس زمانو گهڻو.

ننڍڙن ننڍڙن زخمن تائين،
گهاءُ پرائو، تنهن گهرو گهڻو.

بس اها ئي ته منهنجي ڪهاڻي آ.
جنهن سان سڄاڻي زمانو گهڻو.

آءُ ماڻهن جي ميڙاڪن ۾ هيڪلو،
آءُ پنهنجن ۾ رهيس ويڳاڻو گهڻو.

# محبت جو احساس

پانهون
محبت جو ڦهلاءُ!
جرئت جو جهڪڙاءُ

چپ
مُرڪن جو اُڪلاءُ!
عشق جو رڻ جهاڳيندڙ پياس جو چاهه

اکيون
چولين جو ڇُلڪاءُ
نيل ڪنول گهرائين جو گهاءُ

پرک بنان تون
ڏس نه ساٿي!
ڪوڙن رشتن ناتن جو ڪيڏو انياءُ!
ماٺو پوءِ پلا
ڪيئن ماٺي
ساهن جو هُڳاءُ
محبت جو احساس
تن من جو جهڪڙاءُ
آهي ڪنهن کي ڪو ڪهڪاءُ !

# رت ريٽا ڏينهڙا

کيبر سمان راتيون،
جوانيءَ جون جهاتيون.

ءِ رُت ريٽا ڏينهڙا!

ملياسين ور ور ڪري،
ميل ملاقاتيون.

ءِ رُت ريٽا ڏينهڙا!

جيون اوسيئڙو بٽيو،
هُرن هنئين باتيون.

ءِ رُت ريٽا ڏينهڙا!

محبت جي مهراڻ ۾،
چوهه ترن چاتيون.

ءِ رت ريٽا ڏينهڙا!

رُت جي پرڪ، پروڙ ۾
ڪوئل لنوي لاتيون.

ءِ رُت ريٽا ڏينهڙا!

# رت ريٿا ڏينهڙا

سـنڌڙي تولئـه سـورما،
سـهندا سـوَ كـاتيون!

ءِ رُتِ ريٿـا ڏينهـڙا!

جوانـيءَ جـون جمـاتيون
كيـر سـمان راتيـون

ءِ رُت ريٿـا ڏينهـڙا!

# نذرانو

ڏات جون ڏهہ ئي آگريون
پکڙي جڳ جي ساري جوت
امن پريا جوڙي گيت
ڌرتيءَ پنهنجيءَ کي ڏينديون!

ڏات جا ڏهہ سر
پکڙي جيون سارا
سوين پريا جوڙي هٿيار
ڌرتيءَ پنهنجيءَ کي ڏيندا.

## خبر نہ پئي

خبر نہ پئي
اڄي ڪاري انڌر جي
پيار واري پهر جي
محبوبن جي مِڪر جي.

خبر نہ پئي
اهڙيءَ ڪرامت جي
ڇنيءَ لڪيل قسمت جي
تنهنجي منهنجي الفت جي.

خبر نہ پئي
گفتگو بنان عقل جي
اجل جي
ڪاوڙ ۾ ڪنهن "ڪنول" جي!

# ڏات جا ڏنگ

ڏات جا ڏنگ سهي ڏاتار
تون مَن رُوڳي، سرجڻهار

رات ڪٽي، پوءِ ٻاڪ ڦٽي
تنهنجي ڪوتا مينگهه ملهار

بحر عميق مان ڳولهي ڦولهي
موتي پوئي ٿاهيئه هار

مڳڻي ڇيڙيو ساز ڪماچ
هڪ ٿيا تند ۽ ڪنڌ ڪٽار

تو ڪان ڏات رُٺي آ ڪاٿي
پوءِ رٺين ڇو پيار اُپار

ڏانءُ به تو سان اڄ ڪري ٿو
پوءِ به لڇين ٿو سانول يار

# ڪائنات ڪو ڳجهه

"ڪائنات جي ڪنجي"
ڪو چئي
شاعر هٿ ۾
ڪو چئي
سائنسدان هٿ ۾
ڪو چئي
پورهيت هٿ ۾
ڪو چئي
بانڪ هٿ آ
ائين ته ناهي!
ته ڪائنات جي ڪنجي
اسان سڀن جي مُٺ ۾ آهي
۽ ان ڪي ئي
ڳولهيون پيا صدين کان!

# گڏجي اوڪو پنڌ ڪريون

گڏجي اوڪو پنڌ ڪريون
تنهنجي تانگھ، پُڪارَ پيار جي!
هڪڙو پيرو پيھر آئون.
تڙپي ويندي آھيان
ڦٿڪي پوندي آھيان!

او سائين.
ھنن پنجوڙن ۾
ڪوٽن ۾
اٽڪ ڪوٽن ۾
پيارُ ڪيون ڪيئن

اڄُ
جاڳرتا سان پيار ڪريون.
امن جي خاطر جنگ وڙھون
پاڙ وساري
گڏجي اوڪو پنڌ ڪريون!

## هڪ مهڪ

چنڊ رات جي ويجهو هوندي
ڪيترو پري آ
جيئن ذرتي ۽ اُپ هڪٻئي کان
ائين تون ۽ مان دور دور
سالن صدين جو فاصلو!
پوءِ به هڪٻئي جي، مهڪ ۾ ساهه کڻون ٿا
اها مهڪ
انسانيت جو راز ته ناهي
جنهن کي
اجا ڪنهن پروڙيو ناهي!

# قيدي

ادجڳاد کان قيدي آهيان
قيدي!
ديوار جي پويان ديوارون بي انت
سزا لئه
نه ڪورٽ نه فيصلي گهر
ان لاءِ ته مون ،کي
ڪچڻ لاءِ زبان ڪونهي
لکڻ لاءِ هٿ ڪونهن
سواءِ آزاديءَ جي احساس جي
ڪجهه به ڪونهي مون وٽ

خون جا پياسا گهٽا
هيٰ تحفو، ڪنهن کي ڏيان
ظالمن کي يا جابرن کي
جيڪي پيئڻ به ڄاڻن! جيڪي رتَ پيئڻ به ڄاڻن!

آزاديءَ لاءِ اهي آتا گهٽا
هي احساس جو تحفو ڪنهن کي ڏيان
سورهين کي سرويچن کي، سَپوتن کي
جيڪي لڙڻ به ڄاڻن، جيڪي مرڻ به ڄاڻن.

# ڇڏ سر جو سانگو

لڙ سان ڪنهن جو سَنگ نه سياڪو،
اوء ايائڪ او ويراڳي
وهندو گهندو سهندو رهندين
سورن پورن ساڻ جياپو.

ڏاڍا ڏونگر پنڌ اڙانگو
وسني وستي وهم ٿي پسي
تنهنجي حصي ۾ آهي ڪو؟
امرت جهڙو نينهن نياپو؟

وسندو رهندو وڏ ڦڙو
پنڌ پئو ڇڏ سر جو سانگو
ڪارونڀار ۾ وڃ وراڪو
ڏيهه پاپي پيو ڏي ڏوراپو.

ڪوتا گهر ڪي ڪاٽ هٽي ويا
ڪي دسي هر راند ڪٽي ويا،
نعرو هڻ ۽ نيزي چڙهي وڃ
جيون جوئو ڳڪ لاڳاپو.

## ساروڻيون

چنڊ، منهنجيون رهاڻيون پراڻيون
زندگي ساري ٿاهيم، هڪڙو دوست
سهڻو سهڻو،
جهڙو ٿلي من تي مور...!

مان هن ڏانهن نهاريان
راتيون جاڳي گذاريان،
هو مون لاءِ ڏينهن سارو
ڪٿي اوسيئڙي ۾!

نه رات سهمي، نه پريت چني
خيالن منهنجن سان پٽڪي،
ديس منهنجي تي ايندو آ!

# مارُو مٽڙا

اڀيون سينڌيون ميرا مٽڙا
ڪٽ چنوڙي ڦاٽل ڪٽڙا
عمر ٿڌن ٻه، مارو مٽڙا!

ساسي نِنڊڙا ساندهه ساري
ٻي ٻي ٻوليءَ سان ٻاڪاري
گهنجي مرندا ڇيلا گهٽڙا
عمر ٿڌن ٻه مارو مٽڙا!

تنهنجا محل ۽ تنهنجون ماڙيون
آءٌ انهن کي ڏيان اُماڙيون
ڦولي ڦاڙيون دل جا ڦٽڙا
عمر ٿڌن ٻه مارو مٽڙا!

اسان ابوجهيون اسان اياڻيون
تنهنجيون راڻيون ساهه سياڻيون
هٽڙا جن جا منديءَ رتڙا
عمر ٿڌن ٻه مارو مٽڙا!

# مارُو مٺڙا

عمر اسان وٽ مالِ نه ماليون
ڪَنيءَ لٺل هِنِ ٺڪرَ جون پياليون.
واقف ناهيون چاهن وٽڙا
عمر تڏهن به مارو مٺڙا!

اڇن پنهواريون پيرون پٽيون
ڇانءَ ڪپڙ جي ٽن جون ڇٽيون
آليون پنڊيون ليڙون لٽڙا
عمر تڏهن به مارو مٺڙا!

ڪاڙهي ۾ ٿا پاڻ ڪي ڪاڙهيون
روز ٿو رب ڏئي، آٽيون چاڙهيون
پورهيت آهيون تو لئه ڇٽڙا
عمر تڏهن به مارو مٺڙا!!

ڪنول نيڻن ۾ لڙڪ تري پيا
چشمي وانگر چشم ڏري پيا
ياد پيا جڏهن پنهنجا پکڙا
عمر تڏهن به مارو مٺڙا!

# او ويري

هٽيـــن تـــو ڏاڍا ڏنـــگ، او ويـــري!
ڪريـن تـو ڪيـڏا رنـگ، او ويـري!

منهنجـــي ملـــڪ ۽ مـــاروئڙن تـــي،
وجهيـن تـو ناحق ونـگ، او ويـري!

پلئـه صديـــن جـــا توڪـــان وٺبـــا،
پـــاڙئون پٽبـــا ســـنگ، او ويـــري!

ڏاهينداســـــين توڪــــــي، چــــڏبو
مـُـور نـه سچ جـو سـنگ او ويـري!

# ديس جي شان

پنهنجي ديس جي مٽيءَ آڏو
مستڪ پنهنجو آءُ جهڪايون!

ڪاڪ ڪڪوريل هن مٽيءَ جي
لالي آءُ لبن کي لايون.

پرڏيهه کان ڏيهه امر آ
آءُ نوان ڪي نينهن نڀايون.

ڏيهه اسان جو هي پنهنجو آ
ان کي ڳايون، جهُمر پايون.

هيرا موتي تِج اُن آڏو
هن مٽيءَ جو مُلهه نه پايون.

هي ديس اسان جو پنهنجو آ
اچو وطن کي امر بڻايون.

شان اسان جو مان اسان جو
هي ديس اسان جو پنهنجو آ

# سنڌڙي منهنجي ماءُ

سنڌڙي منهنجي ماءُ
تون ئي سورج تاءُ

تنهنجو مُنهڙو مرڪي، ٻهڪي
رسي نه لوڪي گهاءُ !

سنڌڙي منهنجي ماءُ!

تنهنجي خوشين خاطر مٽڙي!
منهنجي جواني داءُ !

سنڌڙي منهنجي ماءُ!

نديا وڏا سي ياڻر ٻنجن،
تن ۾ ڪين پرچاءُ !

سنڌڙي منهنجي ماءُ!

دوکي جو دستور نه رهندو،
مٽبو انڌ انياءُ!

سنڌڙي منهنجي ماءُ!

چوڌر آ چاندڪ چمن ۾،
گل ڦل ـ هيرَ هگاءُ !
سنڌڙي منهنجي ماءُ!

# سنڌڙي منهنجي ماءُ

ديس دروهي، ڏوهي ڊوهي،
مور نه ٿيندو ياءُ!

سنڌڙي منهنجي ماءُ!

توسان جرڪن جيءَ جهروڪا
لڪبي نه ڪو ساوا!

سنڌڙي منهنجي ماءُ!

تنهنجو سڏ ورنايان آئون،
گهوريا توتان ياءُ!

سنڌڙي منهنجي ماءُ!

تون ئي سورج تاءُ.
سنڌڙي منهنجي ماءُ.
سنڌڙي منهنجي ماءُ!
آهيان تنهنجي آءُ.
سنڌڙي منهنجي ماءُ.

# اکر اکين سان

ڪٽيل جڀَ پنهنجي جي آهي ته چاهي
اکر سڀ اکين سان اڇاري وياسين.

مٿل ۽ ستل يار آهن ته چاهي.
اُتي جڳ سڄي کي جياري وياسين.

اسان جا نميل نيڻ آهن ته چاهي
پرين پو به سڀ ڪجهه نهاري وياسين.

ٿرن جي تتل واري آهي ته چاهي
اسان قافلي کي قطاري وياسين.

غمن منجهه گهيريل جي آهيون ته چاهي،
سکن منجهه سڀ ڪجهه وساري وياسين.

رُڪاوان اڏيل ڪوٽ آهن ته چاهي،
اهي ڪوٽ ڦهري پگهاري وياسين.

اسين هيٺا پورهيت جي آهيون ته چاهي،
اسين ڏيل ڏاڍن جا ڏاري وياسين.

# وڄون وسڻ آيون

وڄون وسڻ آيون
اڄو اڄو ڙي!سنڌ سان
ساٿي نينهن نڀايون!

وڄون وسڻ آيون
اڄو اڄو ڙي !ڳڙا
پرهه جهول ورهايون!

وڄون وسڻ آيون
اڄو اڄوڙي! اونڌهه ۾
ديپڪ ڪي نه جلايون!

وڄون وسڻ آيون
اڄو اڄو ڙي! جيجل نه
ڪڏهن ڪنڌ ڪپايون!

وڄون وسڻ آيون
اڄو اڄوڙي! پيٽ تي
شاهه جون وايون ڳايون!

وڄون وسڻ آيون
اڄو اڄو ڌرتيءَ تي
پنهنجو سيس نمايون!

# پاتال جا موتي

پاتال جا موتي!
سيني جي پاتال جا موتي!
زندگيءَ جي بهار جي ماڪ،
ڪڏهن ڪڏهن وسندي آ
سنڌو جيان،
سيني کي سيراب ڪندي آ
ائين بهار ڪندي آ.
جيئن صبح سويلو
ماڪ منجهان وهنتل
ڪنول جو گل!

# مدهوشيءَ جو عالم

خبر نه پئي،
سج جي اڀرڻ جي
چنڊ جي چمڪڻ جي
تارن ٽمڪڻ جي!

خبر نه پئي،
ڪنهن دوست جي وڇڻ جي
دشمن جي اچڻ جي
۽ وقت گذرڻ جي!

خبر نه پئي!
اڌمن جي، ارمانن جي
فڪرن افسانن جي
رحمت جي امڪانن جي

اسين ته راتين جا راهي
خيالن جا راهي،
سوداَئن جا راهي
پنهنجي گهرن ۾ بند هئاسين!

# منهنجي زندگي

منهنجي زندگي ايئن جيئن
خزان جي چٽيل پن تي
بهار جي ڪابه لڪير نه هجي!

پر پڻ
چٽيل پن به ڪڙڪو ڪندو!
ان ڪڙڪي کي سمجهي
جلدي ان پاسي ڪر ڊوڙ
ان پاسي ڪر ووڙ!

# اوري آ جاني!

ڳولھي ڪجھہ نہ پاءِ
جيون ڏينھن ٻہ چار ڙي
ويھي ڪين وڃاءِ

***

ھوندس جي لڪندس
اي ڪُڌا سماج! نہ تہ
چڙي ٻيا ويندس.

***

وايو منڊل اُداس آھي.
ڪير ڪلا ڪان منھن موڙي!
ڪير جلادن جا ھٿ ٽوڙي؟

***

رسم، رواج ستم،
دين ڌرم، ڄاڻان نہ مان
ماڻھو آھہ اُتم!

***

اوري آ جاني!
ڳل لڳائي پيار ڪيان
دلڙي آ ديواني.

***

ڪھڙا چمڪن ٻاڳ
نہ ڪو شيشو نہ ڪا آرسي.
دل سھوري داڳ.

***

سوچن جا سيلاب،
جيون ۾ آيا ويا،
ڪيئي انقلاب.

# اي ايٿوپيا

اي ايٿوپيـــــا! اي ايٿوپيـــــا
تنهنجـا رهواســي مــرن بکيـا پيـا!

امــن جـا نعــرا هڻــڻ وارا ڪٿــي؟
صلح جون ڳالهيون ڪرڻ وارا ڪٿي؟
حـال جـن تنهنجـا ڪـري هيٺا ڇـڏيا!
اي ايٿوپيـــــا! اي ايٿوپيـــــا!

امــن جــو آلاپ اڄ گـُھٽجـي ويـو،
جنـگ جـي گهمسـان ۾ ٻـُڌجـي ويـو
جـيءُ انسـاني جـهُـرن ڪيئـن ٿـا پيـا!
اي ايٿوپيـــــا! اي ايٿوپيـــــا !

نند مان جاڳو، اکيون کولي ڏسو!
ٻار، ٻـُڍڙا عورتـون ڳولـي ڏسـو،
روپ ڪمـزي ۾ بـکـن کـان پـوءِ بچيـا
اي ايٿوپيـــــا! اي ايٿوپيـــــا!

موت جي منهن ۾ سڄي انسان ذات
۽ ڳپي ڳولا ۾ حيران ڏينهن رات.
ڇا جـُڳن کـان هونـدا هـي ڇڙهيـل ڇکيـا
اي ايٿوپيـــــا! اي ايٿوپيـــــا!

# اي ايٿوپيا

عظمتون انسان جون روئن پيون،
بيوسيءَ جا لڙڪ ڳل ڌوئن پيون،
سامراجي قوتن جا ٺڪـــڙا ٻُڌجن پيا!
اي ايٿوپيــــــا ! اي ايٿوپيــــــا!

بم ۽ بارود گولن جو هي ڍيرُ
ذهن انسانيءَ مٿان هيڏو انڌير
اٿمي دونهاٽ ۾ ماٺهو ڌسو جيئن پيا!
اي ايٿوپيــــــا! اي ايٿوپيــــــا!

# دوست!

مطلب واري دنيا سان...
پيار نه ڪر
هوءَ ان فريب ۾
توکان اصل جيئڻ جو مقصد ڦري وٺندي
۽ تنهنجي زندگي، پيڙا ۾ ساهه کڻندي رهندي!
اهڙي پيڙا جيڪا توکي چين سان رهڻ نه ڏيندي
۽ تنهنجو وجود ڀٽڪندو رهندو
سڪون جي تلاش ۾
مقصد جي تلاش ۾.

# منهنجا پياءُ، جاني پياءُ

منهنجا پياءُ! جاني پياءُ
پاٽي پيءُ! ماني کاءُ.
سنڌ لئه مر! سنڌ لئه جيءُ!
سنڌ جو آهين، سنڌ جو ٿيءُ
منهنجا پياءُ! جاني پياءُ!

منهنجا پياءُ
ان اپاءِ! من چمڪاءِ!
پڙهڻ لکڻ ۾، دل لڳاءِ
سنڌ جا منترا، نغما ڳاءِ
منهنجا پياءُ! جاني پياءُ.

مهنجا پياءُ
قوم جا عضوا ڳنڍي ناهه
نند وڏائي، ويچا ڍاهه
انسانيت جو مان وڌاءِ
منهنجا پياءُ! جاني پياءُ

ماني کاءُ - پاٽي پيءُ!
سنڌ لئه مر - سنڌ لئه جيءُ
منهنجا پياءُ
جاني پياءُ...

# جاڳيو آ انسان

او ڪُگ پوڙها
جيون ڪان بيزار تون آهين،
ڪوڙ تي سوار تون آهين،
جنم جنم جي آس لڳائي ويٺو آهين
ڪو نه ماي، جنهن تي
ٿني پوان ۽ ڪڙڪي پوان
سدا ڪيا تو ڪوڙن جا وسڪارا
تنهنجا ڏاڍ، ڏاڍا نيارا

پر هي جيڪو آ نوجوان
سور سهي ٿو انسان
تنهنجن انيائن مان نسري ٿو
اُپ جيان اوچو اُسري ٿو
تون پوڙهو آن
۽ هيءُ نوجوان
نئين دور جو انسان مهان!
تون آڇين ٿو ڪچ
تون ڏاهين ٿو سچ
سچ ڪي ڪڏهن ڏاهي نه سگهندين
ڪاري رات وڌائي نه سگهندين

او پوڙها!

# انورا

چاڻو ڏسين مون کي؟
توکي رڳو پيار کپي نه!
ڪجھه لمحن لئه
مان توکي پيار ڏيندس.

وري اهڙا واجهه ٻئي هنڌ وجھندين،
پين جي نيڻن ۾ نهاري
ساڳي صدا هڻندين؟

ڪجھه لمحن لاءِ،
توکي ڪو ٻيو پيار ڪندو
تون هِن هُنَ جي چانورن ۾ ساهه ڪٽندين!

ان لوڀ ۾ ڪڏهين نه
سڀئي چانورا ڪٽي ويندئي
۽ هڪ ٻيرو توکي اها آس ٽيندي
ڪنهن جو چانورو ٻڄان!

ان وقت توکي سڀ چانورا ياد ايندا،
پر، ڪو هڪ به نه هوندو،
۽ توکي پيار جا چانورا ڏنگيندا رهندا
۽ تون اُس جي تلاش ۾ نڪري پوندين،
۽ تون پيار جي تلاش ۾ نڪري پوندين

# ڌيءَ

مايوس نہ ٿي ڌيءَ !
ڳوڙهن جا ڍُڪ پيءُ
پيءُ جي خواهش مٿان صدقي ٿيءُ
هن جي ڪرتوتن جي
بي قانون سزا
توکي ئي ملندي ڌيءَ!

وڏڙن جي آ ريت اِها
جنهن سان توکي، مون کي ڪائي پريت نہ آ

مون جيان
پاڻ کي گهُٽو ڏئي جيءُ
وٺو وِهہ جو پيءُ .....

# ازلي اُهاءُ

هو ضمير جي ڪنڊڙي ۾
جڳ اڳيان،
ڏاهپ سان، سچ سان،
سرويچ بڻيو بيٺو آ.
سوليءَ سان اکيون اٽڪايو
ڇاتي تاڻيو بيٺو آ.

هر پاسي خاموشي آ،
اهڙا ڪي پل آهن...
بيجا جي سرُ وڃڻ ۾

هو ضمير جي ڪنڊڙي ۾
جڳ اڳيان
سرُ تي
سر ڏيڻ لاءِ
سرويچ بڻيو بيٺو آ!

هيءَ خاموشي
هيءَ وقت جي وٿي
جڳَ جي ضميرن کي جهنجهوڙيندي

ءِ ڪئين پيا سرويچ
ساڳي پنڌ هلڻ لاءِ
جڏهن سر ڪٽائيندا

تڏهن
مچ مچندو
سرندو وڃندو سچ جو

# ڪاش محبت ڏيون ها!

حياتيءَ جي ننڍڙيءَ مدت ۾
جڏهن اسين انيڪ محبتون
ورهائي هليا ويندا اسين
تڏهن توهان اهو ضرور چوندا،
جيڪر محبت کي محبت ڏيون ها
جيڪر چاهت کي چاهت ڏيون ها
جيڪر ڪي پل اسان گڏ ويهون ها

حياتيءَ جي ننڍڙيءَ مدت ۾،
چاهڻ جي ڏکمي آس لڳائي
پل به چاهت لاءِ سڪندا رهيا

جڏهن هونه هوندا،
قسم سان توهان کي ياد ايندا
توهان خود چاهيندا، آس لڳائيندا
ڪي پل چاهت ونڊڻ لاءِ
پر افسوس هُو نه هوندا

# روح ريجهايو

ڪو رنگ ڪري
منهنجو من ريجهايو
منهنجو من اداس آ!

ساگر کي ريجهائي،
مٿون ميڙ، ايلاز ڪري،
مون پاسي اٿلايو-
خوب لڳي، مون کي پياس آ

واڪرو ڪريو
هُنَ جو رستو ڦيرايو،
اڄ منهنجي رستي ۾
ڪاري رات اُماس آ!

# کو گیت نئون

سُرهن مڌر سُرن ۾
آءٌ لکان کو گيت نئون
ارپيان، ڌرتي توکي،
کو ميت نئون
کو گيت نئون

سوڍا ساز وڄائن پيا
آءٌ ٻه ڇيڙيان
سنگيت نئون
او ڌرتي:
آءٌ لکان
کو گيت نئون
کو گيت نئون

# من ٿو چاهي

من ٿو چاهي
چاندوڪيءَ لاءِ
ٻڇان آءٌ چڪور
ڌرتيءَ ڪان اُڀَ تُوٽين
اڏام ڪيان
من ٿو چاهي
من ٿو چاهي!

من ٿو چاهي
جُڳ ـ سُرنديءَ جا
سُرَ سهورا
هيڪر جيڪر
پرهه جو پڙلاءُ ٿيان.
من ٿو چاهي
من ٿو چاهي!

من ٿوچاهي
اُڀِ پاسي، هٿ ڊگهيري
سارا تارا، مُٺِ ۾ پڪڙي
سوڀ جي
ڀرين مرڪ مرڪان
من ٿو چاهي
من ٿو چاهي

# شاعر ناهيان

تو چيو هو،
هيڪل هوندو آهيان
هيڪل لوڪ سچو لڳندو آ
ويراڳ ئي ويراڳ
جيون جون هڙئي صدائون
لوساتيندڙ لُڪَ جيان.
***
شاعر ناهيان
چميو هيو ڪنهن منهنجن ارمانن کي
چِڙي پيو هو من،
ٻالڪ جي ٻي سمجهه ارمانن جيان!
***
شاعر ناهيان
شاعر ناهيان
تو جهڙو ماٺو آهيان
منجهون دانهون شعر نه سمجهه،
***
ظالم خلاف دانهون سمجهه!
ڪن اڙيلن جون آهون سمجهه
منهنجون دانهون شعر نه سمجهه
شاعر ناهيان توجهڙوماٺو آهيان!

# او ظالم!

او ظالم! او جابر!
تو سان گذر نہ ٿيندو
تنهنجي وجود ۾ آگ لڳائي ويندس!
نئين ڪا جوت جلائي ويندس!

او ظالم. او جابر!
توڙي جڪڙين،
ونگ وجهين
توڙي گهائين
انگ انگ منهنجو!

توسان منهنجو روح نہ رلبو
تو سان منهنجو سگ نہ ٿيندو
ڇو جو
ناهيان گيدي
ناهيان ڪانئر!
تنهنجي وجود ۾
آگ لڳائي ويندس!
نئين ڪا جوت جلائي ويندس!

# ذات لیئو پاتو

ذات لیئو پاتو
پيهي پنهنجي پاڻ ۾،
پاڻ کي مون ڇاتو.

***

چانڊوڪيءَ ۾ چڪور
ائين جيئن منڊ ماهار ۾
مور نچي ٿو مور

***

اوندهه آهه تہ ڇا ٿيو
ڪرڻا ڪرڻا لفظ لڪان
ٻاري ذات - ڏيو

***

پازيب جي ڇڻ ڇڻ
ڇغليون هٿي ڇرڪائين ٿيون
ڇمڪو ۽ پڻ ڇڻ

***

تون اجزيل ورڻ ڪو
پن ڇڻ جي منڊ ۾
آءُ ڇڳل ڪو پنڙو

# منهنجي ووڙ

منهنجي ووڙ ولوڙ کي پرکي
جڳَ ٿو ڪائي
پنهنجي مڙد هئڻ جي ناتي
پيو ٿو سمائي

نہ ڄاڻي جوڙ نيائڻ
ڪمائيءَ جو ويڻو
رينگٽ وڃائي

مان ڇا آهيان ڇو آهيان
مان ٿي ڄاڻان
پنهنجو مان مريادا مان
خوب سڃاڻان

ڪيئي سندر سپنا ارپي
ڇڏيم ھُنَ کي
ننڊ ۽ جاڳ ۾ ساھ سڏڪن
روئن نير نيڻ نهاٽا

منهنجي ذات کي ڏائڻ سمجهي
هو ڇرڪ ڀري ٿو

منهنجي
وونءَ

مون تي ماٺ جا مندر مڙهي
پوءِ هر وار مرڪي پئي ٿو

منهنجي هر تخليق جي
هن تڪليف آ پوکي
سڏي مون کي ٿو لوڻي لوکي

پر جنهن سان سنگ آ منهنجو
تنهن کي پاتم، پر نه چاتم
پائي جيون روڳ

ر جا

گيت

پاڻ لڪائي روئين ٿي
بوندون لڙين ۾ پوئين ٿي!
ايڏو پاپ! ايڏو پاپ!
لُڙڪ وهڻ ڏي! اکڙين مان،
اُهي نچڻ ڏي! اکڙين مان
پلي نه ڪن، ڪِٿ ميلاپ!

# موٽ

ڏيھہ ڏکويل آھہ، ورون!
ھمت ڪريون
رڳو ستم آ.
امن نہ آھي،
جابر آھن،
من مرجھايل گل ڪومايل
سارا ماڻھو ڏاڍ ڏڪايل
ھرسو ڇانيل آھہ اداسي!
او ساٿي!

# ياد جا ديپ

ياد جا دل ۾ ديپ جلن ٿا،
۽ منهن موڙي ميت ملن ٿا.

ديوانن کي پرواهه ڇا جي
محبت ۾ ئي موت ملن ٿا.

پنهنجن جو نه قدر پيو تن کي،
هر سو ڌارين سور سڄن ٿا.

رنگ رچن هُت محفل ۾، هت،
شمع جيان ارمان جلن ٿا.

عشق لڳو ڪمزي احمق سان،
محبت موتي لڙڪ رلن ٿا.

چر چر چيريون چمڪايون جن،
غم ۾ غلطان نير چلن ٿا.

# پنهنجن کرڻن سان

سورج، پنهنجن کرڻن سان
منهنجو اندر اُجاري ٿو.

من پدر کي مهڪائي،
جيوت جڳ، سنواري ٿو.

ڪائو نہ خارون اي يارو،
ڪوي، سڄڻ ڏتاري ٿو.

جهاتي، پائي ڪڪرن مان،
چنڊ ڏسو تہ نهاري ٿو.

جنم جنم جاڳي ڪوساتي،
جاڳ جو سج اُياري ٿو.

غفلت جو هي گجهو هتيار،
کمائتا عضوا ڪاري ٿو.

جيو جي جرئت ساڻ جوان،
تہ موت جلد پڪاري ٿو.

# ساز سمورا

ساز سمورا پورا پورا،
ڪمزا سُرَ ستايان توکي.

جيون سازو سڏڪي سڏڪي،
بن بن پنکي پکاريان توکي.

آگم آگم نيڻ وسن پيا،
قزقز ڪيئن نهاريان توکي.

تنهنجو جيون رنگ رنگيلو،
ناحق ڪوهه نهاريان توکي.

چندا! سچي جاکوڙ اجائي،
هَتَ ڪٿي بيهاريان توکي!

گيت ته منهنجا گيت زهر جي،
ڪمزي ست پڏايان توکي.

# چَوڏسا

چوڏسا
ڇاپيو وهي ۽ واپري
ڳُنيل _منجهيل
سُتَ _ جيان
هي سماجي سِٽ سٽاءُ
آءُ ڇڻ
پند پاهڻ
اڻ گهڙيل بوتي جيان
پيئي جيان
۽ مران
۽ جيان
۽ مران
۽ ......

## چکيا چڙهيو سچ

چکيا چڙهيو سَچُ،
ٻاريئين ڪيڏو مَچُ.

جيئي سنڌ چئي،
سوريءَ ڏي تون اچُ.

جذبا سچو سون،
تن ۾ کوٽ نه ڪَچُ.

عشق نه سوکو ڙي،
آهُ ٻليءَ ۾ پَچُ.

سوڍن سر گهوريو،
تون پڻ تن جئن رَچُ.

ماسڪ منهن چاڙهيو،
اندر ڪارا ڪَچُ.

چکيا چڙهيو سَچُ
ٻاريئين ڪيڏو مَچُ

نگري
سچ بچائڻ لاءِ
نگري ڪا نئين جوڙ

نئين
نئين ڪلا ڪا جوڙ
ڪائنر جوڪنڌ موڙ

ڪا
اوندهه منجهه نسل پنهنجو
لاٽ وات ڏانهن موڙ!

جوڙ
سچ بچائڻ لاءِ
او ساٿي
نگري ڪا نئين جوڙ

# سرجڻهار

داروں درد فراق جو پياري ويا
ستل سارا سور اٿاري ويا
آڳ اندر ۾ عشق جي ٻاري ويا
مون کي برن ۾ ٻيهاري ويا.
***

مرڪان ڪِ روئان
ساهہ ڪڇن ٿورا ٿورا
هاءِ اندر، هورا ڪورا
جيون جڳت پورا پورا.
***

او جيڏيون
پيڙا پنڌ ڪرايو
ڪا هلندي مون سان
منهنجو سڳ سهي ڪري!
***

ڏوهاري ڏيهہ ۾
وڏي ويڇي ويا
سپوت ساٽيهہ ۾
ڇا ڪيي ڪٿي ويا؟
***

سرجڻهار چيو:
ڪائنات انسانن لاءِ جوڙي اٿم!
سنئون سڌو چئي ها،
وڏي انهن جي نَڪَ ۾ نوڙي اٿم!

# گهڙي سوچ

سپرهاءِ وڌي پرسان
پٿرن تي ويٺل
جهونن ڇانءَ ۾
راتوڪي
ننڊ ۾ هارايل جواري مڙس جي ڏڪاريل زال

صبح سانجهر
سنڌس جهوليءَ ۾
ضعيف ٻڍل ٻار
سج جي ڪرڻي وانگر
ڇاتيءَ مان نڪرندڙ ڪير جي لاٽ ـ
ٻارنڊ منجهه ستل
ماءُ جي سوچ
ڳڻاوڻ جهڙي گهڙي
سهنڊ جهڙي گهڙي.

فن

فهم

قلم

هڪ سور پيو ڳڻ مان لهي نٿو سيبائتو؟
نهوڙيو نيهن، اڳ اڳوڻو، آڳاٽو.

***

روح پيو رتُ روئي ٿي،
ساهه پيو ڪو سوئي ٿي،

ڏيءُ به ٽوڪي، پيءُ به ٽوڪي، تون ماءُ ڇاپو،
نڍيون نٿيون تو نچايون، تو ننگ پنهنجو لڄايو.

***

جنهن جو انت آخر اڇو آ، ايندو جڏهن،
فن فهم قلم فنا نه ٿيندو ڪڏهن.

***

هن ڪي آ؟ ماٺڙ ڪاڻ،
جيڏيون ڪندس جتن هاڻ.

***

هينئون منهنجو هرڻيءَ جهڙو،
ويچار ڏئي تو جل ٿل جل ٿل.

***

موتي پوئي مالها پاتم،
تهان.پوءِ ٽوڪي گهراٽڙي پاتم.

***

هن ڌرتيءَ لئه گيت لکان،
هن ڌرتيءَ جا گهاءَ اگهان.

# جوڙا

تنهنجي ڪارڻ اي محبت! ماڻهو، مرون پيدا ڪيا
ڪيڏا ڪونڌر، ڪوي توتي ڪاروان فدا ٿيا

***

دل اندر دريا، بس آهيان رڳو بي زبان،
ذات ۾ ڏک آجو، مون تي گهڻو مهربان.

***

ڳوٺن ۾ شهرن ۾، راهن ۾ رستن تي،
ماڻهن جو ماڻهن سان آهي ڇو ايڏو انياءُ!

# پريم ڏياٽيون

پريم ڏياٽيون ٻاريندس،
سارو جڳ اجاريندس.

***

ڪو ساڄهر سويلو آيو هو،
جنم، جيون جنهن پرڀايو هو.

جيون کي ڪو گهيري ويو،
سندر مَن وکيري ويو.

***

جوانيءَ کي جاڳي جوش پڇايم،
تو پٺيان پنهنجو هوش وڃايم

***

هڪ تن تنهاءِ پيو، هي من آهه اداس،
سڀَ سهونديون، پوءِ پي، پاڻيءَ لاءِ پياس.

***

سهاڳڻي، سنڌ سڙي پئي
تنل لئي تي رت ڪڙهي پئي

***

تو مِ آ ڪهڙو حال هلڪڙا،
هي ڪيئن ٽوڙيندين ڪالف ڪڙا!

***

سٽ مان سٽ سرجندي رهي،
ڏکَي ڏُک سان پرجندي رهي.

# گيت

# ڳالهائين ٿا

سـڄ جـو نعـرو مـاري اچ!
ٻيهـر ٻـارڻ ٻـاري اچ!

***

سـوز صديـن کـان کـن سـڙ ٻـاٽ
ٿيـندا ڳوليـن جـا گهوگهـاٽ!

***

راهـون نـاهن ايـڏيون اڙانگيـون،
جيـڏو تـن کـي تـو آ ٻنـايو!

***

رچنـائون منهنجيـون سـڀ امـر،
جـن ۾ پريـل آهـي زهـر!

***

منهنجـا گيـت ڳالهـائين ٿـا،
گـس کـي نـوان ٻڌائيـن ٿـا!

***

شـهر سـڄو ويـران!
دل مـائهن تـي حيـران!

# مان ۾ دونهون

مان ۽ دونهون،
ڪوري ۾ پڃري.
گھر ۽ گھٽيون واسي.
هوا سان اڏام ڪريون ٿا.

***

اڪرن اوٽ اهوجهن سا پيار ڪرين ٿو
ڪاٿي ملي خود، جهوني دور کي خوار ڪرين ٿو
دڙ دلاسي سان، ڪي چار ٽڪا ڏئي
ڪچا چٽا ائين پاڻ تيار ڪرين ٿو.

***

جيون جون خوشيون،
روشنين بخشيون،
۽ انڌيرا
جيون جو ڪو روڳ آهن!

***

جن ڏياٽين ۾
ڪڏهن تو تيل پاريو هو
سي اڄ به ٻرن ٿيون
پر خون سان گڏ......!

***

ضمير جي ڪٺڙي ۾ .
تن ترڙين ٿا، من ترڙين ٿا
حق جي، حق ۾ هر هنڌ
نعرا لڳن ٿا، جهنڊا ڦڙڪن ٿا.

# منهنجا لفظ

اي سماج جا ٺيڪيدار
ٻڌي ڇڏ:
توکان اجرو
توکان اگرو
منهنجو آئيندو!
توکان نيارو،
توکان پيارو،
منهنجو پنڌ ۽ منهنجو جيون!
توکان اُجرا منهنجا لفظ،
جيڪي مون لئه واٽ بڻيا!
اونداهيءَ ۾ لاٽ بڻيا
پليل پٿڪيل مسافر کي
۽ توکي
ڏڪ لڳائي سگهندا!
منهنجا لفظ
لوئيءَ لَڄ بچائي سگهندا!

# اڪين جا لڙڪ

اڪين جا لڙڪ
سيني جي پاتال جا موتي!
زندگيءَ جي بهار جي ماڪ
جڏهن ڪڏهن پوندي آهي
سارنگ جيان
وڄ وسندي آ، وراڪا ڪري
ترُ بر سيراب ڪندي آهي
ائين بهار ڪندي آهي
صبح جو سويلو
جيئن ڪنول جو گل ڪو.....

## ڪجھ شعر

تو پياريو مون پيتو
نينهن جي نهار سان
آس جي ڪيڪار سان
تو پياريو
مون پيتو!

***

جنم جنم فراق
روح منهنجو رولاڪ
ويرم ويرم آ ويراڳ
ڪالهہ هوس
آئون بہ اداس، نراس
تو ئي تہ ٿوڙيا ها
مايوسيءَ جا ڪوٽ

***

جاڳندڙ ڌڪندڙ ڌرتيءَ جا احساس
جُڳن سندا پڙاڏا ٻڌجي گونجن
ڪورين پٽين سندم ماس
پُڇن! "ڪهڙو جوڙيو سنڌين سنڌ جو اتهاس!"

## ڪجھ شعر

ذات جو ڪوئي ملھ نہ آھي
ذات ۾ ڏانءُ وڏي شيءِ آھي.
حق ڪارڻ لاءِ سچ ٻولڻ
اھا سوغات وڏي شيءِ آھي.

***

سوچون،
نہ ڪنھن جي چنبي ۾
نہ ڪوٺن ڪڙن ۾
نہ ٻہ پائنجي ٿو
منھنجي ھر ڪا سوچ
جڪڙيل آ ڪنھن چار ۾......!

***

وکريل، وکريل
اجڙيل، پڪڙيل
ڏتڙيل، ڏتڙيل
ڏکيل، ڏکاريل
ھر پل آھہ وڃايل پل
ھن جيون جون اڻ ڳڻ سوچون
آءُ تہ گڏجي سوچيون لوچيون!

# ڪجهه شعر

ڪائنات ۾ هلندي رهندي
وڙهبي رهبي
امن ۽ انسانيت لاءِ جنگ
هلندي رهندي
وڙهبي رهبي!

***

علمبردار
اڄ ڇيم!
انسانيت جو علمبردارن کي
پنهنجيون زبانون ڪپرايو
پنهنجا جسم ڏنيرايو
سوريءَ سِرَ
سجرايو
۽ پنهنجا وجود ميرايو!

***

انسانيت جي علمبردارن
پڇي وڃي زبانون بچايون
پڇي وڃي سسيون بچايون
لڪي ويا سڀ ليڪا توڙي

## ڪجهه شعر

لڪي ويا هڙ ليڪا لتاڙي
انسانيت جي علمبردارن
نانءُ ڪمايو
ناموس وڃايو.

***

جن ڏياتين ۾
ڪڏهين، تو تيل ٻاريو هو.
سي اڄ به ٻرن ٿيون
پر خون سان گڏ!

***

هلي آ موتيءَ داڻا
مارين تنهنجا ماڻا
ڏينهن لنگهن ويڳاڻا
راتيون هيڪل ساريون
ساهه ڪيا جن ساڻا.

# ڪجهه شعر

ساز گهرجي!
ساز گهرجي!
ساز بن آواز سڀ
گهٽيل، ٻُٽيل، اڀاٽڪا
ياسبا آهن!
ساز گهرجي!
ساز جوڙيندڙوءُ
سرن ۾ ساهه وجهندڙوءُ
ساز گهرجي!
ساز گهرجي.

ساز گهرجي!
ساز گهرجي!
ساز بن آواز سڀ
گُهٽيل، ٻُٽيل، اُڀاٽڪا
ياسبا آهن!
ساز گهرجي!
ساز جوڙيندڙوءُ وو
سُرن ۾ ساهه وجهندڙوءُ وو
ساز گهرجي ساز گهرجي.

# سهڻا سپنا

ماڻهو جڏهن
ماڻهو جڏهن
سک جا سپنا
چاهيندو ڏسڻ
ساپيان ڪندو
ور ور۔ هر هر
مات موت کي ڏيندو
وحشتون ويرانيون هڪاليندو
ڪل ڪيڪار جون ڪنوڻيون ڪلائيندو
ڪک پن اُجاريندو
سونا سلا اُپاريندو سنواريندو
گُهٽيل گهايل
ردي ريتون رويا
ڪاتي ڪٽر ڦماري
ڪنيون، ڪوجهيون ڪماٽيون
جند پنهنجيءَ جان مان
ڪوري ڪڍندو
ماڻهو جڏهن
ماڻهو جڏهن
سهڻا سپنا
چاهيندو ڏسڻ
چاهيندو ڏسڻ

# عڪسي پيار

هڪبئي جا
ازل ازل کان، جنم جنم کان
تون ۽ مان هڪبئي جا آهيون
ويجهو ئي آهيون،
خيالن منجهه، سپنن منجهه

مرڪي ڏسڻ جي
ڳرا تڙي پائي ملڻ جي
پيار، اظهار
جن بڻايو وهنوار
سي ئي ٿيندا نروار

ويل ڪڏهن نمار ينديِ
پيار جي اقرار جي
هينئر به پاڻ آهيون گڏ
سوچن جي، سپنن جي عڪس ۾.

## زندگيءَ جو عطيو

پابندي
مجبوري
بربادي
خاموشي
هاءِ! حياتي _ تنهنجو خيال!
علم
عمل
ڏاهپ
۽ تبديلي
اوءِ حياتي! منهنجو خيال!

# پرچاءُ

من ۾ تنهنجي ياد،
ڪاهيءَ جهڙي ڳهري
۽ سچ جهڙي سهڻي!

تون سائين، تون سانول، ساجن!
منهنجي من ۾ ميرُ نہ ڪوئي
پکيڙي ويا ڏس! ڳل ۽ پنکڙيون
ڳذري ويا ڪي سانوڻ سيارا!
ڳهرا دل جا ڳهاءَ سمورا!

اڄ تون اوري آءُ
ڏس تہ سهي
مُند وري آئي آ
تون بہ تہ موٽي آءُ!
تون بہ تہ موٽي آءُ!

## سجاوٽ

چوگرد
چا تو وهي واپري
گُنيل - منجهيل
سماجي چڪتاڻ
۽ مان بي حس مجسمو!

نه نه نه......
تون ۽ مان
ماڻهن کي سماجي دائرن مان ڪڍي
ڪي جيئڻ جا اڻ مٽ ڍنگ سيکاريندا سي
حيات جا ڪي رهيل خال پريندا سي.

# هيڪلايون نہ ڏيو

وڻ ويڙهيءَ جيان
ويون وڪوڙي
هيڪلايون
هيڪلايون نہ ڏيو
هيڪلاين جي گهيري ۾
هُنَ جون يادون
وجود وڪوڙي ويندڙيون آهن!

۽ منهنجي
جرئتن ۽ وسعتن جو طويل سفر
پل لاءِ رُڪجي ويندو آهي،
هيڪلو نہ ڇڏيو
هيڪلاين جي گهيري ۾......!

## سنسارُ

تون ٻيي پاڳل،
مان ٻيي پاڳل،
پاڳل آ سنسار، او ساٿي!

تون ٻيي پاپي،
مان ٻيي پاپي،
پاپي آ سنسار، او ساٿي!

تون ٻيي ويري،
مان ٻيي ويري،
ويري آ سنسار، او ساٿي!

## دل ٿي چئي

اڄ دل ٿي چئي!
تنهنجي نيڻن تي
تنهنجي نراڙ تي
ذهن جي پاتالن تي
وجود جي مٿاڇري تي
وجود جي انت تي
رت ـ ڦڙن سان
ڪجهه لکان!
تون منزل،
مان متلاشي!

# بهار ڪٿان ايندي!

آئينن کي ڪير اُجاري
سينڌ اٽيي ڪير سنواري
خوشيون ڪٿي آهن،
ڏک آ هر پاسي ڏک
سانت مَوت جهڙي
ڪکَ پن آ سنسان
بَهار ڪٿان ايندي
جو مکڙيون ڪِڙنديون
گل ٽڙندا
پکي چهڪندا.

## شعور

ذهن
سچ جي ساڙي هيٺان
ڳولهيندو رهيو، ڦٿڪندو رهيو!

هن ڪشادن رستن تي
ڪيڏو نه هجوم آ
هنن تي ڪڪر خوشين جا وسن ٿا.
۽ هي سڀ ٻهڪن ڪلن ٿا

ذهن، تون
اڙانگن، پيچرن ۽ پٿرن تي هلندو هلين ٿو
تنهنجا خيال ڪنهن نئين تبديليءَ جي ڳولها ۾
جسم سڙي رک ٿي ويو آهي
ذهن ڪٿان ڪان ڪٿان پهچي ويو آهي!

# پراڻو گيت

پراڻو رينگٽ
وايراڳي آ سارو جڳ
ويراڳي آ سارو جيون
سازن جو هر سُر ويراڳ!
مون ۾ آ ويراڳ
تو ۾ آ ويراڳ!

سانجهه سويرو آ ويراڳ،
هر آکيرو آ ويراڳ
هر ويراڳ منجهان
اُسري نئون ويراڳ!

# منهنجي ماءُ

ساڳي آهي رات
ساڳي آ پرڀات
دل جي دانهن تي
چپرو لنوي ٿو.

چيخُون ۽ چرڙاٽ ڪري ٿو
خبر نه آهي
ڇو اهڙا ٻوڪاٽ ڪري ٿو؟

پوءِ به خاموش آهيان
ڪهڙو درد مليو آ هن کي؟
ڪهڙي ملي آهيس سزا؟

شايد منهنجي ماءُ
هن جي لاءِ عذابن جو آ انعام.

# خواب

تنهنجو ۽ منهنجو ملڻ
هڪ خواب هو،
لاشڪ! لاجواب هو
ساڳيا سپنا موٽي مور نه ايندا
آس ڪا اهڙي نه رکجانءِ
پنهنجو جيون
ڪل خوشيءِ سان گهارجانءِ!

ملندي وري وڇڙي وجبو
ائين بار بار هر بار ٿيندو رهندو
حقيقت اوکي اڙٻنگ اڙانگي
سچ حق سوڌي، سيني سان ساڻ اٿم
ڪنڊا چيندڙ، گلن سان ساڻ اٿم

تنهنجو منهنجو ملڻ
هڪ خواب هو
لاشڪ هڪ وار هو
سڀ اڳيان نئون نروار هو

## هار!

گيت اڻپورا رهجي ويا
تنهنجي آس وڃائي ويٺس
ناحق پاڻ رُلائي ويٺس

ساز وڃي رڪجي ويا سارا
تنهنجو داءُ لڳائي ويٺس
ويتر روڳ وڌائي ويٺس

جيوت وهندڙ ڌارا هئي
گذري به وڃي ها
هر و پرو ڪي پل اڳ ۾
پنهنجو جيءُ جلائي ويٺس!

# ذهين انسان

ذهين انسان
پيدا ڪيل. پيڙائن جا
جڏهن لوچين ٿا
سوجهه ٻوجهه سان سوچين ٿا
تڏهن لطيف ٻڻجي ويندا آهن
سچل سامي ٿي ويندا آهن

تڏهن اهي پيڙائون
لڳنديون آهن امر
ڪوتائون استاد، اياز،
امداد، هُدا جون آهن امر
هيڪلايون هر لطيف جون سوڀ آهن
پيڙائون هر ساميءَ جون سچ آهن.
سوچون هر سچوءَ جون مَچُ آهن

ذهين انسان
جڏهن لوچين ٿا
سوجهه ٻوجهه سان سوچين ٿا.

# ننڊ آهي موت

ننڊ آهي موتُ،
زندگيءَ جو آ زهر!
مون کي جيئڻ جاڳڻ ڏيو!
ننڊ مان هاڻي ٿيا هوشيار آهيون،
وات تان سنگهر هٽائي،
ڏيو هلڻ
ننڊ نهوڙيو هو، گُهٽيو غفلت هُيو
ڪيڏو ستم، ڪيڏو ستم!
اڄ هلڻ ڏيو! .
جهل جي اونداهين ۾
اڄ ٻرڻ ڏيو
نئين نسل جي لاءِ
هر انياءَ سان
خود لڙو
۽ لڙڻ ڏيو
وات اڄ سالن پڄاڻان آ ملي
لات ڏس هٿ ۾ اٿم!
مون کي وڙڻ ڏيو!
ڪجهه ڪرڻ ڏيو!

# اي مسيحا

منهنجي اکين ۾ رڻ
من لڇڻ
وجود جاڳڻ
پيرن هلڻ
شروع ڪيو آ تون ڪٿي آهين
اي مسيحا! تون ڪٿي آهين.

ڏس
ڪهڙو پاسو وٺان
ڪهڙو پيچرو وٺان
جتي تنهنجو وجود
سورج جيان تجلا ڏيندو هجي!
جتي تنهنجو وجود
وڄ وانگي ٻڪندو هجي!
جتي تنهنجو وجود
روز ازل کان
سچ، حق جا ٻارڻ ٻاريندو هجي!
جنهن منجهان پسان
آئيندي جا پيغام!

## اي مسيحا

جنهن مان پسان آئون
سوين پريون ساپيائون
ڇهان! ان اميدن جي مينار کي!

اي مسيحا!
آئيندي جو تون، سوجهرو آهين
جنهن گهرائيءَ خاطر جيان.
سوئي تون
امنگن پريون، اٿاهه سمنڊ آهين
بي ستي جيون جي
هر پيچري جي پهچ آهين
ڇو نه ڳولهي لهان؟
اهڙي سگهه، سمپ ۽ سوجهري کي

اي مسيحا!
بي ستي سماج جا مسيحا
توکي پسڻ کاڻ
ابد تائين
پنڌ ڪندس هاڻ

# ارپنا

جي چئين ٿو:
"ارپي ڇڏ
پنهنجو پاڻ"
ته هوند
ارپيان آئون
مڙئي رچنائون
ارڏيون امر
هڙئي ڪوتائون!

# انڊس پبلشرز جا ايندڙ ڪتاب

## A. سنڌي

| | | | |
|---|---|---|---|
| 1. | هي پيٽ هي ڪنارا | سفر نامو | الطاف شيخ |
| 2. | سيگل جو موت | شاعري | جان خاصخيلي |
| 3. | ٻئي درجي جو ڪالم | ڪالم | امير ابڙو |
| 4. | آرٽسٽن جي دنيا | مضمون | امر لغاري |


## B. اردو

| | | | |
|---|---|---|---|
| 1. | منزل ابهي نهين آئي | ناول | فردوس حيدر |
| 2. | سمندر کي دن، سمندر کي راتين | سفر نامو | الطاف شيخ |
| 3. | خالي هوا يه دل | ڪهاڻيون | فردوس حيدر |

## C. انگريزي

| | | | |
|---|---|---|---|
| 1. | Land of Midnight Sun | Travelogue | Ameer Abro |
| 2. | Prominent Artists of Pakistan | Profiles | - |
| 3. | Interviews With History | Interviews | Edited by Anwer Abro |
| 4. | Prominent Intellectuals | Profiles | Edited by Rauf Nizamani |

ذات ڏوهاري (شاعري) زبيده ميتلو



مون زبيده جي شاعري پڙهي ۽ محسوس ڪئي آهي. اهم
ڳالهه اها آهي تہ هوءَ ڌرتيءَ سان سچي آهي. ڌرتيءَ جي
اڀوجهہ ماروئڙن جون پيڙائون هن ڪان شعر چورائين ٿيون.
پنهنجي قوم ۽ ڌرتيءَ جي پيڙهجڻ جو احساس زبيده کي
سموري انسانذات جي ويجهو بہ آڻي ٿو. ٿر جي ڏڪار جيان
ان لاءِ ايٿوپيا جي بک بہ اوترو ئي ڏکوئيندڙ آهي. زبيده
پنهنجي ڌرتيءِ تي ويهي، اُن جي حوالي سان آزادي، امن،
سُک، سڪار، انسان دوستيءَ جا آفاقي خواب ڏسي
ٿي- ۽ اُهي ئي هن جي ذات کي ڏوهاري بڻائين ٿا.

نورالهديٰ شاهہ

INDUS

# پَڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاڙُو، ياچوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪـو بـہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهـڙي دعويٰ ڪري ٿـو تـہ پَڪَ ڄاڻو تـہ اُهو ڪُـوڙو آهي. نـہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيـڪـڏهن ڪـو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻـن جا پَـنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهـن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرنـدڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهنـدڙ بہ ٿـي سگهـن ٿا. ٻيـن لفظن ۾ پَـنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نـہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تـہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تـہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تـي بـہ ٿِيـن. اهـڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَـٻِئي جي مدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَٺُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي non-commercial رهنـدا. پَنَـن پـاران ڪتـابن ڪـي ڊِجِيٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مـان ڪـو بـہ مـالي فائدو يا نفعو حاصل ڪـرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيـو اهـم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪـو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَـن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽانـدڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليگڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران کَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ بنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڪاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چوء، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽڪر گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)